# ٺُٽي جو تَندُ تنبوري جِي

## (شاعري)

پريل دايو

ڄام شورو، سنڌ

2023ع







**ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ**

**ڇاپو پهريون　　　　سيپٽمبر 2023ع**

**هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي ڪي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

## قيمت: چار سؤ رپيا

(Price, Rs: 400-00)





**خريداري لاءِ رابطو:**

## سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

## تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

**هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر ميرزا دبير حسين بيگ ڇپيو ۽ گلبدن جاويد مرزا، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.**

## ارپڻ

**اُستاد بخاري،**
**اظهر گيلاني،**
**۽ امير بخاري جي نانءِ،**
**جن سان گهاريل گهڙيون**
**منهنجي ادبي اوسر ۾**
**گهڻي اهميت رکن ٿيون.**

**- پريل دايو**





# ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”ٿُتي جو تند تنبوري جي“ سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ ۽ پلوڙ شاعر محترم پريل دايو صاحب جي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾: دوها، وايون، گيت، نظم ۽ غزل شامل آهن. شاعري روح جي راحت آهي ۽ اِهو شاعر جو ڪمال آهي، ته هو پنهنجي احساس ۽ فڪر کي بيان ڪرڻ لاءِ اهڙن لفظن جو انتخاب ڪري جيڪي پڙهندڙ کي ان طرف مائل ڪن. هن مجموعء ڪلام ۾ شاعر پنهنجي احساس ۽ فڪر کي خوبصورت لفظن جي پوشاڪ پهرائي شاعريءَ جو روپ ڏنو آهي. جنهن ۾ هُن معاشرتي ۽ سماجي، حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪرڻ کان علاوه پنهنجي شاعريءَ ۾ حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار ڪلام به سَرجيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ معياري ادب کي شروعاتي ڏينهن کان اوليت جي بنيادن تي شايع ڪري پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ جي روايت کي قائم رکندو اچي. هيءُ ڪتاب ”ٿُتي جو تند تبنوري جي“ بورڊ جي پبليڪيشن شعبي ۾ ڪافي وقت

کان پيل هو، جنهن جي اهميت کي مدِنظر رکندي، بورڊ جي مانواري چيئرمين صاحب جي هدايتن تحت بورڊ طرفان شايع ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سنڌن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب شايع ڪري پڌرا ڪرڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نوان پروگرام پڻ جوڙيا آهن. ان کان سواءِ سنڌي ادبي بورڊ لئبريري ۾ رکيل مختلف موضوعن تي قلمي مخطوطن ۽ پبليڪيشن شعبي ۾ موجود اڻڇپيل مسودن جي اشاعت لاءِ هرممڪن ڪوشش تي رهي آهي.

هن ڪتاب ”ٿُٽي جو تند تنبوري جي“ جو هيءُ پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي سرپرستيءَ ۾ شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهي آهيان.

توقع آهي تہ، هيءُ علمي پورهيو شاعريءَ سان چاهہ رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندو.

26- صفرالمظفر 1445هہ — گلبدن جاويد مرزا
13- سيپٽمبر 2023ع — سيڪريٽري



# فهرست


| | |
|---|---|
| ❋ مهاڳ | 13 |
| - سرور سيف | |
| ❋ ٻہ اکر | 27 |
| - بدر سميجو | |
| دوها | |
| مٿيءَ جو مان ماڻهو آهيان، مٿيءَ مان هان آيو، | 33 |
| هار کي ڪائي جيت نہ آهي، جيت کي ناهي هار، | 34 |
| سک ڇڏي ويا، سڏڪي سڏڪي دکڙڻ سان دل لاتي، | 35 |
| مون نيٽڻ ساگر مان ميڙي، آهي لعلن لپَ، | 36 |
| وايون | |
| پـــورو جـــڳ پسائي، پيرن ريءَ نهار اکين جي. | 39 |
| ”تون تون“ کي تون تَڙِ، ”مان“ ڇڏ تان ماڻهو ٿئين | 40 |
| مون کي پاءِ نہ پاءِ، مون ري پوندين مامري. | 41 |
| ڪَـــري ڪـــنـــارا، آيا وري اوڙ تي. | 42 |
| جيءَ اندر جهوري، لُنءَ لُنءَ ۾ لوڙِي | 43 |

”وَڄُ ويندن جي لاءِ“، اجا نہ آياءِ! 44
جَرڪيو جڳ جهان، تُنهنجي جوت جمال سين. 45
پهتا تائين توڙ، پنڌَ اٽانگا پار ڪيائون. 46
پورا وار پناڏک ڏنا، جهُڙيالي هن جيءَ کي. 47
مليو ماءُ وٽان، ڏُکو دانائيءَ جو. 48
پکين ساهيا پَر، اُڏرڻ جي لئہ اوچتو. 49
پڙهن پُرجهن ٿا، لڪائي لوڪ کان 50
اهڙي ملي مون، سُتي ڪا ساڃاهہ جي. 51
مان چٽنگ ڏکائي آ، پنيت پاڻ پيو آ پڙکي. 52
پرين آيو پاڻ- روح رهاڻ، ڪئي سين ڪُندائتي. 53
کو ڇو ڪنڌ ڪِري، اسين اُوچي ڳاٽ سين. 54
آءُ تہ اوريون اور، پائي ڳَل ڳراٽڙيون. 55
پريل ڪيئن پڏي- نيٺ لڏي 56
چوڏهينءَ رات جو آءُ 57


گيتَ


دل جي دنيا درهم برهم. 61
تنهنجو حڪم عدالت جهڙو 62
رات بہ ننڊ ڦتائي يار 63
پريَن جا تِي پَنڌ پُڇايان 64







جل پري پوپري، پوپري جل پري! 65
ڪا پلڪ پرين! پيار مان، مرڪي تہ نهاريو. 66
تنهنجي هر عڪس سان چٽيل چاتي 67
رم جهم رِم جِهم رُت بسنتي 68
تون وئين مَتجي، مون ڪان ڪَتجي 69
تون ڪٿي آن پيا! 70
اُڀ ۾ ٽِم ٽِم تارا بيٺل، پوءِ بہ مينهن وسي ٿو 72
ساهہ اوهان ۾ اٽڪيل ساڄن 73
وار ڇڏيا تو چوڙي ڪنڌ تي 74
اُتر جي هير آئي آ 75


نظم ۽ آزاد نظم


رات جو پيٽ بہ ايڏو اونهون 79
ڏات ديوي 80
پرپات جو چوراهو 81
الميو 82
پنيوري 83
هٿ مان گرهہ ڪِري پيو 84
اونداهيءَ جي پاڇن پويان 85
پاڻ بہ پيئندا هاسين 86

روشنيءَ جو ڏوھ 87
ھوائون ٻُڌائن ٿيون محبوب ايندو 89
اوچوڳات 90
پرھ جي نانءِ 91
ھينگ ڪُتي ڪئي 93
دل دنيا جو درد انوکو 94
پنھنجا پڪا پختا ناتا 96
عيد آئي، وئي، مون گذاري ڇڏي 98
وحدة الوجود 99
ڇَسي ڏات 100
تا اُڏن ڇٽنگن جيان چمڪا ڪري 101
ڏينھن ڪي ڏينھن ڇو ڏکيو آ ڇوڻ!؟ 102
ڪانن جي ڪُرسيءَ تي وينو 103
رات چوڏھينءَ چنڊ جي 104
دردن جي دلربائي، آٿت ٿي ڏي عجيب 106
ھلي آ، شام ٿي وئي آ 107
غزل
ڀيو نہ سھي پر پيرن تائين پھچڻ ڏي 111
يارَ سان رابطو ٿئي ئي نہ ٿو 112





تنھنجي اکڙين جي آشياني ۾ 113
ڇا ڳالھائي ڇا ڳالھايون 114
پرينءَ جو اسان ڏي ڪٿي اک ڏسڻ 115
تون وڃين ٿو پرين، مان مري نہ وڃان 116
تتل ڪُوري منجھان پَڇي نڪتُس 117
جڏھن کان پرين تو ملڻ بند ڪِيو آ 118
چاھ ھوندي بہ جي ڇِڙي تا پون 119
درد شدت ساڻ ڪَرَ موڙي اُتي ٿو 120
پِيَڻَ سان ملي ٿو مقامِ محبت 121
ذھن ۾ زلزلا ڪٿي آئي! 122
گُذري آ ڪجھہ گذري ويندي 123
اڃا آئين نہ جانان! 124
روشنيءَ جي تلاش روليو آ 125
پڪ آ ھُن پار تائين پھچبو 126
تنھنجي پيرن ۾ ڪِتڪِتائي ڪئي! 127
اوھان يارا جيئري ئي ماري ڇڏيو 128
وقت جو وھڪرو، تيز درياءَ آ 129
جي تنھنجي بي رُخي رھندي 130
درد اندر جو ڪاٽُ ڪپي ٿو 131

مخالف اَجايو هُلائن ٿا خبرون 132
هڪ ئي پاڪر سان دل ٺري پيئي 133
جيئرا رهندا ۽ ڪي مرندا 134
تنهنجي در تي ڏرڙو هٽبو 135
ساقي ڏي جام مون کي، اڄ ڪو پري پري 136
هيل بہ رت بسنتي آئي 137
لوڪ چوي ٿو تان مان چاهيان؟ 138
نيڻن ۾ محبوب ويهاري 139
ڪارونجهر جي ڪور تي ويهي سوچان ٿو 140
پرين جو دادلا ٿيندا 141
تون ڇڏي وئين جتي، مان اُتي هان ڪڙو 142
تنهنجي اک ڪجل هاڻِي 143
جام تي جام جو دور هلندو رهي 144
وڳا ذهن ۾ سارُن گِهندَ 145
وڃڻ وقت جو تو کِلي موڪلايو 146
جڏهن کان پرين تو ملڻ بند ڪيو آ 147
مون کي سندم مجاز ٿو گُهرجي 148
يادگيريون بہ آٿتون آهن 149
ايڏو بدلجي وِيو جو سڀ ڪجهہ ڀُلي ويو 150





مينهوڳيءَ جي مُند ۾ آيو 151
اکين منجهہ اوتُون ۽ جوتُون غضب جُون 152
انتها کان عشق جي ڪئي ابتدا 153
نجُ امرتا ۾ ٻُڏل مرندو نہ آ 154
قَلب کي اَڄُ قرار ٿيو آهي 155
درد دل ۾ دٻائجي ڪهڙو؟ 156
وک وک تي واسينگن جا ور ويڙهي ۾ 157
ڪيس ڇِيري صفا ڇٻاڙي ڇڏيان 158
هان وَٽُ ڏُڌ جو ڏُک تہ پيءُ 159
تن ۽ من جي تار ٻُري ٿي 160
ڪنڌ پُٺ تي ڪٽي نهارين هان 161
هو چون ٿا تہ ڪو چريو آهيان! 162
”ٽڪي جا ماڻهو ٽڪي وِڪاڻا“، رهيا پٻن تي سَپُوت سياڻا 163
هي عيد موٽي آئي، مُرڪون اجا نہ موٽيون 164
پرِين! توکي سنڀاريان ٿو 165
اکين اکين ۾ سلام ٿي ويو 166
تنهنجو خيال آهي، جيئڻ محال آهي 167
ڏار توکان رهي نہ سگهنداسين 168

لوھ کي لوھ ڪٽيندو آھي 169
مِٽي ۾ ماڻھوءَ جو رشتو اڻ ٽُٽُ آ 170
لوڪ جاڳيو پھاڙ اُٿلي پيا 171
تو ريءَ ھِي جياپو، ڄڻ زندگيءَ جو ڪاپو 172
وڻ پنن کي جيئڻ چاڙي ٿو ڇڏي 173
ڪاڏي ويندينءَ پري ڪري ڪاوڙ 174
مون سان مِل يا آءُ ملانءِ 175
ماربو آھي تہ ڪٽبو آ پرين 176
صنم ھڪ ڏينھن سارينديين 177
صبح ۾ شام سار تنھنجي آ 178
ڪا سمڪ، سُرت ساءُ ڪونھي ڪو 179
پير ڦوڪي چنبي ڪڻ گُھرجي 180





## مھاڳ

### سگهر سونھين جن

### (پريل دايي جي شاعري جو اڀياس)

منھنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو آھي تہ مان فقير پريل دايي جي شاعريءَ جو ڇيد ڪيان، سندس شاعري جي ڪتاب تي مھاڳ لکان. مھاڳ بہ اکر لکڻ جو نالو ناھي ٿيندو، مُھاڳ بہ چار ليڪا پائي جان ڇڏائڻ جو نالو ناھي. مھاڳ ڪتاب جو آئينو آھي، جنھن ۾ پڙھندڙ ڪتاب کان اڳ ڪتاب جا اولڙا پسي ٿو ۽ مھاڳ پڙھندڙ کي ڄڻ ذھني طور تيار ڪري ٿو تہ ھو باقي پاڻ پڙھي حظ حاصل ڪري، پنھنجي مُراد حاصل ڪري، نصيحت پيغام مان فيضياب ٿئي. ليکڪ وڏيڪ چا تو چئي. کھڙيون فھم فراست جون ڳالھيون ٿو ڪري، کھڙا منظر چٽي ٿو، ان ڪري مھاڳ لکڻ واري جي وڏي ذميواري بڻجي ٿي تہ ھو مڪمل طرح ليکڪ جي تخليق جو بغور مطالعو ڪري ۽ پوءِ راءِ ڏي، سنڌي ادب ۾ ڪو وقت ھو جو شاندار مُھاڳ لکيا ويا خاص طور شيخ اياز جي شاعري جي ڪتابن جا مُھاڳ جيڪي سائين محمد ابراھيم جويي لکيا. انھن جي تاريخي حيثيت آھي. سنڌي ادب ۾ انھن مھاڳن

جو الڳ مقام آهي ۽ سچ اهو آهي تہ اسان جي ٿهي جا شيخ اياز جي عاشق هئي ۽ سندس ڪوبہ ڪتاب ڇپبو هو تہ ان جو حاصل ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو جنون هوندو هو، جيستائين پڙهي پورو نہ ڪبو هو تہ ڪابہ شيءِ وڻندي نہ مني لڳندي هئي پر شيخ اياز جي شاعري ڪان اڳ سائين جويي صاحب جا لکيل مُهاڳ ست ست، ورق ورق وڏي شوق ۽ اُتساهہ سان پڙهندا هئاسين، جڻ اياز کي پڙهڻ لاءِ جويي صاحب جي موتين جي تالهہ جهڙن لفظن ۾ شيخ اياز جي شاعري جا جلوا پسندا هئاسين. اياز کي پڙهڻ کان اڳ مهاڳ مخمور ڪندو هو، سنڌ سميت جڳ جهان جا مختلف منظر عيان ٿيندا هئا. هاڻي تہ تون مونکي حاجي چئہ مان توکي قاضي چوان وارو دور آهي، بس تعريف ڪرڻي آهي، پر جي ڪنهن اوٽائيءَ جو تذڪرو هوندو تہ ليکڪ جي ڪروڌ جي انتها هوندي ۽ پيو پاڻ پٽائبو، هاڻي تہ مهاڳ لکرائين ڪونہ ٿا، نئين ٿهي تہ ماشاءَ الله ڇمندي ڄام آ، ڪير سندن نالو وٺي؟ دنيا جو سمورو علم پينگهي ۾ ڪين منتقل ٿيو هو.

پريل جي ڪتاب تي مون لاءِ لکڻ ان ڪري ڪٺن آهي تہ پريل سان منهنجو رشتو ناتو اولاد جهڙو آهي مان سجاد ۽ پريل ۾ ڪو فرق نہ سمجهيو آهي، ڪجهہ وقت اڳ سجاد جي شاعري جو ڪتاب ”چنڊ جو عڪس“ تي مان ان





ڪري ۾ اکر بہ لکي نہ سگهيو هئس. چو تہ جيڪي پيارا هوندا آهن انهن جي خامين تي نظر ناهي پوندي، اکيون تہ سدائين خوبيون ئي تلاش ڪنديون آهن، سو ساڳي صورتحال درپيش آهي ۽ هڪ ٻي شيءِ تہ شگر هڪ پاسي منهنجي ياداشت کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي تہ ٻئي پاسي لکڻ مهل هٿ ۾ شايد ارتعاش پيدا ٿئي ٿو، انهن ٻنهي ڪيفيتن کي ڏسي ڪڏهن ڪڏهن اکين مان لڙڪ بہ لڙي پون ٿا.

پريل جو هي ٽيون شعري ڳٽڪو اچي رهيو آهي، هن کان اڳ سندس ٻارن لاءِ لکيل ٻہ مجموعا ڇپجي سنڌ ۾ مقبوليت ماڻي چڪا آهن. پريل منهنجي هٿن ۾ ڄائو آهي ’نوراجا‘ منهنجو ۽ پريل جو محبوب ڳوٺ آهي ۽ اسان جا گهر بہ ڪو پري نہ هئا، سندن والدين سان گهرو رستو رهيو آهي، سندس ڏاڏو منهنجي والد صاحب جو مٽو مٽي تي يار ۽ ٻئي پورهيت ۽ وري پريل مون وٽ ڇهين ڪان ائين درجي تائين پڙهيو، منهنجي گهر جو ڀاتي ٿي رهيو، پنهنجي ماءُ جو تہ لاڏلو هو ئي، پر منهنجي امڙ جو بہ منجهس ساهہ هو ۽ منهنجن گهر وارن وٽ بہ سندس حيثيت پنهنجي ئي ٻار واري رهي، بلڪ آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڳوٺ ڇڏي پني عاقل اچي رهڻ بہ لڳ ڀڳ هڪ اڌ سال جي فرق سان گڏ ئي

ٿيو، هي ننڍي هوندي کان ئي انتهائي حساس نازڪ طبع ۽ ڳالهه کي هڪدم سمجهي تهه تائين پهچڻ وارو رهيو آهي.

پريل جو ڌرتيءَ سان ناتو آد جڳاد کان جڙيل آهي، هن جو جنم جنهن ڪڙم قبيلي ۾ ٿيو، تنهن جي سڃاڻپ تنهن جو تعارف ئي مٽي آهي، پريل جو والد ۽ ڏاڏو پوکي راهي سان لاڳاپيل رهيا، ڌرتي جو سينو چيري سونا سنگ اُپائيندا رهيا، ڳوٺ جي ويجهو ڌاريجن جي ويڙهي سان گڏ زمين سندن ماتا هئي، جيڪا هنن کي هر ويل ڪجهه نه ڪجهه ڏيندي رهندي هئي ۽ پريل پنهنجي گهر ڀاتين سان ان زمين مٿان ٽپندو ڪڏندو وڏو ٿيو، وڻ سٽري، لابارو، ديرو، ڇڄ، ڪنڍي، ٻٺائي، برڪت جهڙن لفظن سان آشنائي ننڍپڻ ۾ ٿي ۽ چوگرد وڏا وڻ نم، سرينهن، ٽالهيون، ٻير، ٻير، لئو ۽ ڪجيون، اَنب، ليمان سڀ فصل ساوڪ ئي ساوڪ. کوهه ڳاڏي ماله لوٽيون پاڙڇا اڏ ۽ ان ۾ کوهه مان نڪرندڙ وهندڙ مٺو ماکي جهڙو ۽ چانديءَ جي پيٽ جهڙو پاڻي ڪنگو ساڪڻ ته پوءِ ذهن ۾ شاعراڻي ڪيفيت ته اوس پيدا ٿيندي ۽ وري اتي فقير طبيعت زميندار ربڏني عرف ربن ڌاريجي جي مٺي مرڪ سان شفقت ۽ ان جي هٿن ۾ شاهه لطيف جو پاڪيٽ سائيز رسالو ۽ لطيف جا بيت هن ٻار کي جهونگاري ٻُڌائڻ، سمجهائڻ، سهڻي، سورٺ، ليلا، سسئي، مومل، مارئي سان رس رهاڻ ڪرائڻ ته من ۾ محبت





سان محبت ڪرڻ ته ضرور نشونما وٺندي، ماحول به ته شاعر ڪري ٿو ۽ پوءِ جڏهن پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿئي ٿو ته ڪيس استاد ملي ٿو ساده مزاج، عاشق سياءُ في البديهه شاعر ”مٺل نوراجائي“ جنهن جي پڙهائڻ جو طريقو به شاعراڻو هو، موتين جهڙا اکر لکندڙ مٺل سدائين جهونگاريندو رهندڙ ۽ وقفي وقفي سان ٻارن جي ڪلاس ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ ميز کي طبلي جيان هٿڙن سان وڄائيندي، پنهنجي رچيل گيتن غزلن کي انڊيا جي مشهور ڳائڻن جي ڌن تي آهستگيءَ سان ٻڌائڻ تي ٻار موهت ٿي پوندا هئا. وري پريل جڏهن ڇهين درجي ۾ مون وٽ برانچ مڊل اسڪول ۾ آيو، ته سندس آجيان ننڍڙي لائبريري ڪئي. ان زماني ۾ منهنجي سڃاڻپ سخت گير استاد طور مشهور هئي ۽ هي نازڪ نفيس ٻار خوفزده ٿي اسڪول آيو، سندس پاڙيسري ۽ قرآن پاڪ جو استاد حاجي غلام مصطفي سميجو جيڪو سبق ڪچي هئڻ تي ڏکهي ڏنڊي ۽ مُڪن سان ڊاهي ڇڏيندو هو سو، مون وٽ آيو ۽ رازداري سان پريل جي پارت ڪندي چيائين ته ”هي ڏاڍو نفيس طبع ۽ هٺيلو ٻار آهي، هن کي پيار سان پڙهائڻو آهي دڙڪي ۽ ٺوري به مار سان هي اسڪول نه ايندو، مان هن کي چڱي طرح سُڃاڻان“ مون سائين جي ڳالهه ڳنڍ ۾ ٻڌي ۽ ٻئي پاسي سندس والده منهنجي امڙ جي ڏيءُ ڪري سڏيل هئي ۽ پريل

ان جو سڪيلڌو اڪيلو پٽ، امان لاءِ پريل جڻ ڀھريون ڏوهٽو، امان کي ٻيا ڏوهٽا زاهد، شاهد وارا پوءِ ٿيا. پريل جي ماءُ منهنجي ڀيڻ جنهن جو هن ۾ ساهه، جنهن کي هن کان سواءِ گرهه به نه هلي. تنهن گهر اچي چيو ”ادا سرور! منهنجي پريل کي وڏو ماڻهو بڻاءِ“ مان مرڪي کيس ها ڪئي ۽ چيو ته کيس وڏو ماڻهو مان ڪيئن بڻايان!؟ البته اڳيان ڪيئي مثال هئا ته ڪتابن جي دوستي وڏ ماڻهپ ضرور عطا ڪري ٿي، من ننڍڙو پريل ڪتابن سان نينهن لائي وڏو ماڻهو بڻجي، وڏو انسان بڻجي، علم ۽ انسانيت کان وڏي ته ڪابه شيءِ ناهي، علم لازوال دولت آهي، ڌن دولت مايا ته ساميءَ چواڻي مت وڃائي ٿي ۽ ايئن پريل جي صدقي پوري اسڪول کي مون پيار ۽ ٻاجهه سان پڙهائڻ شروع ڪيو، ته مون کي شاندار نتيجو مليو ۽ سبق حاصل ٿيو ته ”مار ٻار جي سنوار ناهي پيار ٻار جي سنوار آهي.“ اهڙي طرح پريل ٽي سال مون وٽ برانچ مڊل اسڪول ۾ پڙهيو، اسڪول جي هڪ ڪٻٽ ۾ مون ننڍي لائبريري ٺاهي هئي، جنهن ۾ ٻاراڻي ادب جا به ڪيئي ڪتاب هئا. ان سان گڏ شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير ۽ ٻين شاعرن جي شاعري امرجليل، علي بابا، حفيظ شيخ ۽ رشيد ڀٽي جي ڪهاڻين، جام ساقي جو ناوليٽ، سراج جا ناول، پارٽي سنڌي اديبن جا ڪجهه ڪتاب، سنڌي اردو ۾ سياسي سائنسي





ڪتاب ۽ سلسليوار وڏن توڙي ٻارڙن جا رسالا شامل هئا، سون تي سهاڳ ته پريل ان ۾ وڌيڪ دلچسپي ورتي ۽ تقريباً سڀ ڪتاب پڙهيا، اياز ۽ استاد سان سندس چاهه وڌيو، انهن ڏينهن ۾ مان ڪلاس ۾ لطيف سائين جا بيت پنن تي لکي ڪلاسن جي ڀتين تي هٽي ڇڏيا هئا ۽ اِهي سڀ بيت پريل جڻ حفظ ڪري ڇڏيا، سندس حافظو ڪمال جو آهي، ڪيس اڄ به هر ننڍي وڏي شاعر جي شاعري ياد آهي، مون کي پنهنجي ڪيل شاعري جي سٽ به ياد نه آهي، پر پريل کي منهنجي شاعري ازبر ياد آهي. پريل پني عاقل ڊي.سي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد جڏهن گهوٽڪي ڪاليج ويو ته اُتي سندس تعلق عروض جي استاد شاعر اظهر گيلاني ۽ امير بخاري وارن سان جُڙيو، جن سندس شاعراڻي ذوق کي جلا بخشي ۽ پريل جي تخليقي عمل کي ويتر فني پختگي عطا ٿي، ٻئي پاسي اياز لطيف ۽ ٻين گهوٽڪي جي نوجوانن سان سنگت، ساڻي ٻارڙا ۽ س ا س جي گڏجاڻين ۾ شرڪت سندس شعور کي پختو ڪيو، نوراجا ۾ ادبي سنگت جون گڏجاڻيون، منهنجي اوطاق تي ڪامريڊن جي اچ وڃ، ڊگها سياسي بحث به پريل جي پلئه پيا، جن به ضرور سندس ذهن کي جلابخشي هوندي. مون کي ياد آهي ته ڪامريڊ غلام نبي ڪلو صدر مزدور ڪسان پارٽي ۽ پنجابي شاعر سياسي تجزيه نگار ناظم چوڌري

رات جو مون وٽ نوراجا رهيا، پريل سندن خدمت ڪئي ساڻن ڳالهيون ڪيون ويچار ونديا تہ ڪلو صاحب مون کي چيو هو تہ "**ڪامريڊ يہ بچہ انتهائيؔ ذهين هے بڑا آدمی بنے گا اس میں بڑے گُن نظر آرہے ہیں**" ۽ اهو سچ ثابت ٿيو. اڄ منهنجو تعارف بہ پريل جي ڪري ٿئي ٿو ۽ اڳتي هلي پريل صحافت ۽ ادب ۾ پاڻ ملهايو. پريل سنڌي ادبي سنگت جو محترم سيڪريٽري جنرل ٿيو ۽ بهترين شاعر بہ. سياسي سماجي بصيرت رکندڙ ۽ دور رس نگاهہ جو حامل....

مان ڪافي عرصي کان شاعري ناهي ڪئي. شايد شاعري مون تي مهربان ناهي، پر شاعري منهنجي ڪمزوري آهي. شاعري پڙهندو رهيو آهيان. هر ننڍي وڏي شاعر کي پڙهيو آهي، پڙهندو رهان ٿو. اها ئي ڳالهہ آهي تہ منهنجي ياداشت تمام گهڻي متاثر ٿي آهي لطيف کان سواءِ ڪنهن جو شعر گهڻو وقت ياد نٿو رهي ۽ ان صورتحال ۾ پريل جو حڪم آهي تہ مان سندس هن ڪتاب تي لکان جنهن ۾ غزل بہ آهن تہ وايون بہ گيت، دوها، نظم، آزاد نظم وغيره بہ. ڪيس اڳ ۾ ٻڌندو بہ رهيو آهيان ۽ پڙهندو بہ. پر جڏهن هاڻي سندس مسودو پڙهان ٿو تہ ڪيئي حيرتون اُتپن ٿين ٿيون ۽ ڪيئي شعري مصراعون سٽون بند چرڪ پرائي ٿا





ڇڏين، جيئن پوءِ تيئن پريل جي شاعريءَ ۾ آگهي وڌنڌي رهي آهي، سندس ڪجهہ شاعري تي نظر وجهجي ٿي.

پريل شعر و شاعري سان نينهن ننڍي هوندي لاتو، شاعري جا سُهڻا ڪتاب سندس سيراندي ايئن پيا هوندا هئا، جيئن ڪنهن نئين نويلي ڪنوار جي ٻانهن سيرانديءَ سُمهجي. لطيف، اياز ۽ استاد سميت نئين ٿهي جي ليکڪن جا سرنهن جي پيلن گلن جهڙا ڳٽڪا بہ. سو هن بہ لکڻ شروع ڪيو، نوراجا ۾ ادبي سنگت جي برانچ کُلي تہ ان ۾ پڙهڻ شروع ڪيائين، پنو عاقل کان پوءِ گهوٽڪي ۾ سندس دوستي جو دائرو وسيع ٿيو تہ سندس من ۾ موجود شاعر بہ پوپٽن جيان رنگ برنگي پر پکيڙڻ شروع ڪيا، هوندئن بہ سندس حق هو تہ پني عاقل جي مهان ڪلاسيڪل شاعر جي ورثي کي سنڀالي. يعني "گليان پريم نگر ديان حضرت عشق گهمايم" ۽

"ڳڻن پريون تنهنجون ڳالهڙيون، ڳايو روز ڳران،
مرجان مُحب مران، تنهنجي درد فراق ۾"

جي شاعر غمدل فقير دايي جي ورثي جو تسلسل بڻجي، غمدل ۽ فاطمہ لال پني عاقل کي سنڌ جي ڪوتا نگر ۾ سجاڳپ بخشي آهي. اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي وڏي شاعر غمدل فقير دايي جو وارث فقير پريل دايي کي ئي

ٻڌجڻو پيو ۽ اها حقيقت آهي تہ جيئن غمدل جو سنڌ ۾ نالو وڃي ٿو، تيئن اڄ فقير پريل دايي جو.

پريل کي مان هميشہ ”وائي جو شاعر“ چيو آهي. وائي سندس برجستو فارم آهي. وائي ۽ ڪافي معنيٰ لطيف سائين جو رستو، فيض دريا، داتا ولايت شاهہ جو رستو. سو پريل وائي ۾ پنهنجو اظهار وڏيڪ سُهڻي نموني ڪيو. سندس خوشنصيبي جو لطيف ۽ فيض دريا سان رشتو غير معمولي آهي. هو ٻنهي درن جو خانداني پانڌيئڙو آهي، سندس وڏا هڪ پاسي لطيف جي درگاهہ جا مريد آهن، تہ ٻئي پاسي سندس والدين هنباهہ جا پور پٽ جا لطيفي گاديسرن جي اچ وڃ، گفت شنيد ۽ وائي جي تنوار سندس گهر ۾ موجود. ايستائين جو شاهہ جو ويراڳي ۽ لطيفي راڳ ويراڳ جو والي سائين جمن شاهہ جو پريل سان ۽ پريل جي ڪرمپور وارن عزيزن سان گهرو ۽ گهاٽو سبند آهي. اهڙي طرح تقريبن سڀ پٽائي پير فقير پريل کي پيارو گهرنڌڙ آهن ۽ ٻئي پاسي سائين ولايت شاهہ کان وٺي موجوده گادي نشين تائين هنباهہ جا صوفي بزرگ پريل تي وڏن جي مرشد هُئڻ ناتي مهربان رهيا آهن. هاڻي اها ڳالهہ تہ لازمي آهي تہ فڪر سان گڏ ٻنهي درگاهن جو شاعراڻو رنگ تہ فقير تي ضرور چڙهندو ۽ ٻئي پاسي غمدل جي وراثت، ان ڪري وائي





۽ ڪافي رنگ وٽس وڏيڪ رهيو آهي، سندس هن مجموعي ”ٿُني جو تند تنبوري جي“ ۾ بہ سندس وايون وڏيڪ ڌيان ڇڪائين ٿيون. ۽ ان ۾ ٻوليءَ جو حسن بہ سٽ سٽ ۾ جهلڪيون ڏئي ٿو. مثال طور

تون تون ڪي تون تَڙ،
مان چنڊ تان ماڻهو
تئين.
ڪري ڪِنارا،
آيا وري اوڙ تي.
ڏِم لهي ويو ڏيل تان،
مٽيا مونجهارا،
آيا وري اوڙ تي.
.........
پهتا تائين توڙ،
پنڌ اٽانگا پار ڪيائون.
جيوت جڳ جا سانگ
سمورا،
جانب سندي جوڙ،
پنڌ اٽانگا پار ڪيائون.
.........

پورا وار پنا، ڏک ڏنا،

جهڙيالي هن جيءُ کي.

سانگيئڙن جي سپت

کان، چو مان پاڻ چنان،

ڏک ڏنا،

جهڙيالي هن جيءَ کي.

.....

پرين آيو پاڻ، روح

رهاڻ،

ڪئي سين ڪُنبائتي.

گهڻي ڀاڱي سندس سڀ وايون لطيفي رنگ ۾ رڱيل ۽ ولايت شاهه جي واس سان واسيل ملنديون، جن کي جڏهن پڙهجي ٿو ته روح قرار سان سرشار ٿي وڃي ٿو. نيٺ سنڌي لفظن جي اُٿل ۽ تجنيس حرفيءَ جو سُهڻو من مُهڻو استعمال پڙهندڙ جي من ۾ سنڌوءَ جون لهرون ۽ ڇوليون اُٿپن ڪري ٿو.

فقير پريل جي هن مجموعي ۾ وائي ۽ بيتن جي ڪلاسيڪل صنفن سان گڏ غزل، گيت، نظم، آزاد نظم ۽ دوها به شامل آهن. هو پڪو پختو شاعر آهي. سيد اظهر گيلاني جهڙي شاعر سان ڪافي وقت گذاريو اٿائين. اظهر





صاحب جي ساٿس ڪافي رفاقت رهي، تنهن ڪري هن عروضي رنگ به گهڻو ئي حاصل ڪيو. عروضي صنفن ۾ غزل وڏيڪ مقبول رهيو آهي. سنڌيءَ ۾ سچل سائين جهڙي شاعر به غزل جو رنگ ورتو ۽ سندس ڪيئي ڪافيون، غزل سان مماثلت رکن ٿيون. سنڌي ۾ جيڪو غزل لکجڻ شروع ٿيو، ان ۾ تغزل ته هو، بحر وزن جو مڪمل پورائو ته هو، پر فڪر ناپيد هو. تشبيهون استعارا ماحول ڪنهن به ريت اسان جا نه هئا. شاعر اها غزل گوئي پنهنجي ذات لاءِ ۽ شاعر حضرات لاءِ ڪندا هئا. غزل جا سُنا سڏيا ويندڙ شاعر حافظ حامد کان واصف تائين گدا کان عزيز تائين جي غزل گوئي انهي رنگ جي هئي، جو عام ماڻهو ان کي سمجهڻ کان قاصر هو. مثال طور سندن ڪجهه شعر ملاحظ فرمايو:

برنگ برق بيتاب آهيان آءٌ قربت ۾ دلبر جي

چوان نت ابر گوهر بار پنهنجي چشم گريان

کي.

(گدا)

هڪڙي هجرت گل سندي ۽ ٻي هتي ڪنج

قفس

اي فلڪ چئہ آهه باقي ڪا سزاء ڪند لب.

(مخلص)

عهد شباب آهي موسم جي بهار جي پڻ
هات الصبوح حيوايا ايها السڪارا.
(واصف)

گل جي رگ رگ نشتر نماد آهي
بيد مجنون تيشہ فرهاد آهي
آبشارن ۾ ڏسو عڪس شفائق شعلہ زن
اختلاط آب و آتش ڪيا عناصر سازگار.
(عزيز)

غزل جو اهو وچون دور هو ان جي باقيات گهڻو عرصو پوءِ بہ هلي، ان دور جي غزل کي سمجهڻ ايئن هو جيئن ڪنهن استاد گويي جو خيال ٻڌڻ ۽ سمجهڻ، گهڻي ڀاڱي تہ عام لغت يا فرهنگ ۾ بہ معنيٰ ملڻ مشڪل. ڪشن چند بيوس غزل جا اجنبيت جا پوش لاٿا ۽ خليفي گل جيان سنڌي ويس پهرايو ۽ غزل عوامي بڻيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سندس غزل نظم کي ويجهو هو، هن جا غزل توڙي نظم مقبول عام ٿيا ۽ انهن ۾ عوامي مسئلا ۽ موضوع بہ زير طبع آيا. شيخ اياز غزل کي چڻ پڙن کان آجو ڪرايو ۽ پنهنجي غزل کي عوامي لهجو ڏنو، قومي رنگ پريو ۽ ايئن غزل جو حقيقي روح نمايان ٿيو. اياز جي مخالفت بہ ڏاڍي ٿي، پُراڻِ پسنديءَ جي دائري کان نڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. انهن اياز تي تير اندازي شروع ڪئي، ذاتي حملا ڪيا،





ڪيس سرڪاري عتاب ۾ آندو ويو، سندس بچاءَ ۾ گرامي صاحب ۽ پليجي صاحب جهڙا گهڻ پڙهيا اديب، عالم اڳيان سينہ سپر ٿيا ۽ پُراڻِ پسندن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنا. شيخ اياز کان پوءِ غزل سميت سيني صنفن ۾ عوامي رنگ آيو، ٻئي پاسي انجمن ترقي پسند مصنفين جيان سنڌ جي اديبن سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو، جنهن جو بنيادي متو هو ”ادب براءِ زندگي“، جن طئي ڪيو تہ فن جي نالي تي فڪر جو ڳاٽو نہ مروڙيو، پوءِ سنڌي شاعري ۽ غزل ۾ خاص موڙ آيا، نوان نوان تجربا ٿيا. سنڌي ۾ ڪافي ۽ وائي سان گڏ غزل پنهنجي جاءِ جوڙي. سنڌي ڪافي لکندڙ وڏن شاعرن غزل گوئي ڪئي. تنوير، امداد، تاج بلوچ، خادم پنوي، وفا ناٿن شاهي، نشتر کان موجوده دور جي شاعرن تائين غزل جا ڪيئي شاعر مقبول عام ٿيا، بعد ۾ هڪ وڏو سلسلو غزل گو شاعرن جو شروع ٿيو جن پاڻ ملهايو انهن ۾ پريل بہ شامل آهي.

پريل جي غزل ۾ بيوس جيان عواميت گهڻي آهي، سندس موضوع ڌرتيءَ مان ڦٽي نڪتل آهن. هن وٽ ’غمِ جانان‘ گهٽ غم دوران، وڌيڪ آهي، هو عوامي ماڻهو آهي، ٻهراڙي جو ماڻهو آهي، ڪيس لغت سان سنڌي محاورن، ورجيسن سان وڏي دلچسپي آهي، هن ماڻهن سان، ڌرتي سان ڪِيس ٿيندا ڏنا آهن. هڪ جاڪوڙي صحافي طور معاملن کي گهري نظر سان پرکيو پرجهيو آهي، هن جو وسيع

مطالعو آهي، گهرو مشاهدو آهي. هن شهر ۾ ٻهراڙي، ڪچي پڪي، پيڙهيل هاري توڙي زميندار ڪي انهن جي خصلتن توڙي ڪمزورين کي ويجهو تي ڏٺو آهي، جنهن ڪري سندس غزل ۾ انيڪ رنگ ملندا. رومان بہ معاش بہ معاشرت بہ تہ سياست بہ.

پريل جي غزل ۾ ڪيئي اهڙا غزل آهن، جن جا ڪيئي بند مصري جون ٽڙون آهن. جن ۾ نوان خيال آهن، ماحول نج پنهنجو، لفظن جي خوبصورت ادائگي، صنعتن جو سهڻو استعمال، علم بيان توڙي معنيٰ جو خوبصورت امتزاج. اچو تہ سندس غزلن مان ڪجهہ بند ڏسون:

تنهنجي اکڙين جي آشياني ۾
تو رهان مان نئين زماني ۾

........

پکي ڪٿي کو پَر نہ هڻي ٿو
پاڻ اُتي ٽا دوڙ ڊُڪايون

.......

پرين جو اسان ڏي ڪٽي اک
ڏسڻ
ادا ان سان پنهنجو پلڪ ۾
ڪُسڻ





.......

وري ڪنهن تہ آهي پريل کي سنپاريو
وري اک جو آلو ٽيڻ ۾ رُئڻُ

......

هو جي سڪ مان سڏي پار درياءَ جي
ڪير چئي ٿو تہ لهرون تري نہ وڃان

........

ويڙهہ تاري جيڪو پنهنجي ڪڙم جي
مڙس آ سو جو دليون جوڙي اُتي ٿو
ڪنهن قبيلي ذات جو لاڙو ڪڏو
قوم جو ٻيڙو هتي ٻوڙي اُتي ٿو

.......

خيال جي خوشبو پکيڙي ديس ۾
پو سڄي سنسار تائين پهچبو
پاڻ جيتي پاڻ کي هارائجي
عشق جي وهنوار تائين پهچبو

........

نہ ڪا قوم ذرتي جي جنهن وٽ
عڪاسي
ادب ۾ سو شاعر ڳڻڻ ئي اجايو

......

يادگيريون بہ آٿتون آهن
تو بنا روح راحتون آهن
هن کي سجدا ڪري تصور ۾
مان ٿو سمجهان عبادتون آهن

اکين منجهہ اوتون ۽ جوتون غضب جون
بنا سِرڪَ جي پيي خماريو وتي ٿو
اُتي چا پُڄي چاندني، روشني ڪا
سندي سونهن جا سج اپاريو وتي ٿو

.......

جو بہ آيو عشق جي آهي اري
کير چئي ٿو درد سو ڇَندو نہ آ

.......

هن جي ڳاڙهي ڳِل مان جو ميناج مليو
سو نہ گهوٽڪي يا ميهڙ جي پيڙي ۾

.........

چا ٿئي هان جي اک جي ساغر مان
ڪا سِپي سُرڪ جي پيارين هان

......





ڪي پڳا ڪي ٻُڏي مري بہ ويا
مان تہ سيٽاهہ ريءَ تريو آهيان

.......

مون سان مل يا آءُ مِلانءِ
يار اسان کي پنهنجو پانءِ
منهنجو وايون گيت غزل سڀ
ٻول سمورا تنهنجي نانءِ

پريل جي هن مجموعي ۾ گيت بہ آهن. سندس وائي ۽ غزل گيت جي مقابلي ۾ وڌيڪ پختي آهي، گيت ۾ لئہ نٽي ڏسجي، تنهن هوندي بہ سندس گيتن ۾ ڪي ڪي مصراعون يا بند ڏاڍا سهڻا ۽ هينئن تي هُرندڙ آهن.

اک اٽڪڻ سان دل وئي اڙجي
قرب ڪيو قابو، پياسين ڪڙجي
ڪل نہ هئي اڳ ڪائي يار
تنهنجي سار جو آئي يار

......

اونهائي مان لعل سهيڙي
موتي ماڻڪ موتي ميڙي
مسجد ۾ چا مندر ۾
پيار پُوڄا ڪج اندر ۾

......

هير اُتي جي وار وکيري
فطرت رنگ پريا هن پيري
وڻ ٽڻ گل ڦل جهمريون پائن
پاتي سائي پوتي ڌرتي
آنهه ڪٿي تون سر جي سرتي!
مُرڪ مينهوڳي جهڙي تنهنجي
سرڪ سڪوتي اهڙي منهنجي
تنهنجا نيڻ پيالا پيبا
پرت اسان جي توکي پَرتي
آنهه ڪٿي تون سر جي سرتي!

........

هينئڙو پنهنجو ڦارون ڦارون
جنهنجو ڪو پيي دوا نه دارون
دل جي دردن جو تو وٽ ئي
ٽوٽو ڦيٽو ڏاڳو.

گيت جدائي فراق وصال جي صنف آهي، محبوب سان هيٺو تي ڳالهائڻ جي شاعري آهي، اندر جي اُڌمن احساسن کي چٽٽو آهي، توڙي خوشي کي نرالي ۽ سپڪ انداز ۾ پيش ڪرٽو آهي، مِنڙا ۽ سريلا لفظ پيش ڪرٽا





آهن، لفظن کي جهونگاري سگهڻ جي شڪتي ڏيٽي آهي، چو ته هندي شاعري جي صنف آهي جا اسان وٽ آئي، گيت جي معنيٰ ئي آهي "ڳائڻ". سنڌي شاعرن ته گيت ۾ ڌرتيءَ جا سور، معاشي ۽ معاشرتي موضوع به آندا آهن، شيخ اياز، امداد حسيني، شيخ عبدالرزاق راز، ڪشنچند بيوس، دلگير ۽ مير محمد پيرزادي گيت سان سُنو نڀايو آهي. بردي سنڌي کي گيت جو بادشاهه شاعر چئجي ٿو. هيٺ ڪشنچند بيوس ۽ بردي جي گيتن جو ننڍڙو مثال ڏجي ٿو:

سرهي سڳنڌ آهيان
ٻاهر اچڻ تي چاهيان
هي ڪوٺ ڪيئن ڊاهيان
پردي جو پئد لاهيان
ڪڏهن بهار ايندو
ڪوپو خلاص ٿيندو

......

تو لئي نيڻ پياسا آهن
آءِ ملڻ لاءِ چوري چوري
آس اميد جو گل گهٽيندا
ٻانهون ڪجندا تيز تڪيندا

## چاهہ جي راهہ ۾ ڦاهہ هزارين قدم سنپاري ڪٽجان گوري

فقير پريل نظم، آزاد نظم ۽ دوها بہ هن ڳٽڪي ۾ ڏنا آهن. نظم جا سنڌ ۾ تمام وڏا شاعر، وڏا نالا آهن. نظم ۾ هر موضوع سمائي سگهجي ٿو، عوامي ۽ قومي نظمن سان شيخ اياز سُتل سنڌ سُجاڳ ڪئي، ابراهيم منشي، مجيدي، نياز ۽ سرويچ سان گڏ موجوده دور ۾ آڪاش، حسن درس سميت ڪيترن ئي شاعرن پاڻ مڃايو آهي. پريل جا بہ ڪيئي نظم انتهائي طاقتور ۽ پُر اثر آهن، هن پنهنجي خيالن کي شاندار نموني اوتيو آهي، خاص طور سندس نظم ”الميو“، ”پاڻ بہ پيئندا هئاسين“، ”روشني جو ڏوهہ“، ”پرهہ جي نانءُ“ ۽ ”رات چوڏهينءَ چنڊ جي“دل لپائيندڙ ۽ اُتساهہ ڏياريندڙ آهن، جن کي وري وري پڙهڻ تي دل ٿي چئي.

سرور سيف

سرور سيف جنرل لائبرري،

پنوعاقل

4 مارچ 2022ع





## ٻہ اکر

### فقير پريل دايو ويراڳي شاعر

انساني ذهن هميشہ کان ئي عجيب عجيب شيون، ڳالهيون ۽ سوچون تخليق ڪندو رهيو آهي. ۽ پوءِ انهن شين، ڳالهين ۽ سوچن کي دنيا تائين پهچائڻ جا انوکا طريقا ايجاد ڪندو رهيو آهي. ڪابہ تخليق سندس ان ڪوجنا جو نتيجو رهي آهي ۽ شايد اهائي سگهہ آهي، جنهن ڪيس جبلتن کان هٽي ٻيو گهڻو ڪجهہ تخليق ڪرڻ تي پڻ اُتساهيو آهي. ”جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي“ يعني هو جيستائين هي جهان ڇڏي نہ ٿو، تيستائين جاکوڙيندو ٿو رهي. ۽ ان تخليق جا هي روپ آهن، جنهن مان Sistine chapel ۽ David جهڙن شاهڪار Paintings ۽ مجسمن جو خالق مائيڪل اينجلو جنم وٺي ٿو ۽ سُرن جي دنيا ۾ Chopin ۽ Bethover استاد بڙي غلام علي خان، بسم الله خان، لتامنگيشڪر، محمد رفيع، نورجهان، مهدي حسن ۽ نصرت فتح علي خان جنم وٺن ٿا، جن پنهنجن سُريلن ڏنن ۽ آوازن سان ڪائنات ۾ هيڪار ڦهلائي ڇڏي آهي. اها اڻ تُڻ

ئي آ، جنهن شاهه لطيف ڀٽائي، سچل، اياز، گلزار ۽ ڪيفي اعظمي کي اسان سامهون بيهاريو آهي. نثر جي دنيا موپاسان کان ويندي چيخوف ۽ منٽو تائين خوبصورت نالن سان ڀري پئي آهي. ۽ ڪير آهي جيڪو بانو قدسيه ”راجه گد“ ۽ طارق عالم ابڙي جي ”رهجي ويل منظر“ کان منهن موڙي سگهندو. توهان جيترا به فن جا قسم آهن، تنهن جا نالا ياد ڪندا وڃو، توهان جون اکيون ۽ دماغ انهن جي خمارن ۾ غرق ٿيندا ويندا.

اڄ منهنجن نظرن اڳيان انتهائي فقيراڻي طبيعت جي شاعر دوست فقير پريل دايي جو شعري مجموعو آهي. جنهن ۾ شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ٿيل آهي. شاعر فلاسافر ٿيندو آهي يا نه، اهو بحث پراڻو آهي. منهنجي نظر ۾ شاعري به ٻين صنفن جيان ڪنهن شخص جو انداز بيان آهي ۽ اهو فلسفياڻو به ٿِي سگهي ٿو ۽ نه به. اها شاعري ئي آهي، جنهن عمر خيام کي فلاسافر سڏرايو ۽ علامه اقبال کي فقير:

"میرا طریق امیری نہیں فقیری ہے، خودی نہ
بیچ، غریبی میں نام پیدا کر."

اها شاعري ئي آهي، جنهن ڀٽائيءَ کي ڏاهو، سياسي سماجي دانشور ۽ عاشق بڻايو. اها شاعري ئي آهي، جنهن





انسان جي انداز بيان کي سُونهن بخشي ۽ ڀوءِ هر ليکڪ پنهنجي انداز بيان سان نوان گس مرتب ڪيا.

ہیں اور بھی دنیا میں
سخنور بہت اچھے،
کہتے ہیں کہ غالب کا
ہے اندازِ بیاں اور.

پريل دوها به لکيا آهن، جيڪا نج هندستاني شاعري جي صنف آهي، جيڪو ٻن سٽن جو ٿئي ٿو

”مٽيءَ مجتا مان اُتم آ، مِٽيءَ جو انسان
مِٽيءَ کي جو ڪري نه سجدو، سڏجي سو شيطان.

پريل دايي ڪيئن نه سادي انداز ۾ هڪ وڏو فلسفو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عبدالرحمٰن خانان خان جو دوهو مثال طور ڏئي سگهجي ٿو.

”رحیمن نج من کی ویدا، من ہی میں
راکھ ہوئی
سنی ادالائیں لوگ ساب، بانٹ نہ
لہائے کوئی“

[ترجمو: رحيمن پنهنجي دل جي ڳالهه دل ۾ رک، چاڪاڻ جو ماڻهو ڏک ٻڌندا تہ آهن، ونڊيندا نہ آهن.]

پريل گيت جي صنف سان بہ خوب نڀايو آهي، لکي ٿو:

”رم جهم رم جهم رُت
بسنتي
آنهہ ڪٿي تون سر جي سَرتي
هير اُتي جي وار وِڪيري
فطرت رنگ پريا هن پيري
وڻ ٽِڻ گُل ڦُل جهمريون پائن
پاتي سائي پوتي ڌرتي
آنهہ ڪٿي تون سر جي سَرتي.

پريل گيت ۾ مينهن بعد ٿيندڙ ساوڪ، محبوب جي سڪ ۽ ڌرتيءَ سان محبت کي خوبصورت انداز سان چٽيو آهي.

پريل دايي جو هي شعري مجموعو ادب ۾ هڪ سٺو اضافو ثابت ٿيندو. خيال تہ هر ماڻهو جا نوان هوندا آهن ۽ ان ۾ هڪ الڳ تازگي بہ هوندي آهي، پر خود پڙهندڙ جو مزاج بہ ان جو ساٿ ڏي تہ پوءِ ”ڪيا بات“ آهي. فقير پريل اسان کي شاهہ، اياز ۽ استاد بخاري جي شاعري جهونگاري





ٻُڌائيندو آهي، اسين اميد ٿا ڪيون تہ فقير جا گيت بہ ايئن جهونگاريا ويندا.

بدر سميجو

# دوها





❊

مِٽيءَ جو مان ماڻھو آھيان، مٽيءَ مان ھان آيو،
ھر شيءِ موٽ اصل ڏي ڪائي، مان مٽيءَ جو
چايو.

.....

مان تہ مٽيءَ جو ماڻھو آھيان، مٽيءَ ھاٿو تَن،
مٽي گل ڦل گاھہ نپائي، مٽي منھنجو مَن.

.....

مٽيءَ ھاٿو ميرو آھيان، مٽيءَ جو مزدور،
اُجرا خيال ڪٽي اندر مان، اُپري سنڌ جو سور.

......

گَپَ پئي آ چُنبڙي بُت کي، ڳوھيو آھي گارو،
ليڪن اُٿي ٿو لپي لپي مان، خوشبو جو
وسڪارو.

.....

لٿا ڪپڙا ميرا ھن پر، اندر آھہ اڇو،
اوندھہ ۽ ڪارنھن سان چو ٿا، منھنجي سِڪَ
ڪَچو.

.......

مٿيءَ مڃتا مانُ اُتم آ، مٿيءَ جو انسان،
مٿيءَ کي جو ڪري نہ سجدو، سڏجي سو شيطان.

......

مٿيءَ جو بوڙيندو ٿاهي، مون جو پريو ساھہ،
اندر مان سُر اُپريا، اپريو جيئڻ جو اتساھہ.

+

❋

هار کي ڪائي جيت نہ آهي، جيت کي ناهي هار،
هاريل بازي پو بہ کٽي وئي، سسئي آخرڪار.

.....

پاڻ مڃي مون محبوبن کان، هڪڙي جڳ ۾ هار،
جيئڻ کٽي خوش جانيئڙو ٿي، مُرڪي مند ملهار.

.......





هيٺن تي آ دهشت طاري، ڏاڙيلن جو داٻو،
دنيا آ دستور بڻايو، ”جو ڏاڍو سو گابو“.

......

ڏاڍي آڏوهيٺن گڏجي، اکيون ڪِيون هِن ڪرڙيون،
والي! ويڙھہ ڪٿائج سچ کي، دل مان نڪرن دُرڙيون.

+

❋

سُک ڇڏي ويا، سُڏڪي سُڏڪي دُکڙن سان دل لاتي،
باھہ پيڙ ٿا دل ۾ پڙڪن، آڳَ اُلا هي چاتي.

......

ڪو تہ اسان جِئَن درد دَٻائي، گهاري خوش حياتي،

وِک وِک تي وِھُ جڳ ٿو آچي، ڦَدم ڦدم تي
ڪاتي.

......

رات لڙي جيئن رنگ پکيڙيا، چاندوڪي چوڏار،
تِئن اک ڦرڪي ۽ دل ڏڙڪي، آئي ساجَنَ سار.

.....

تون تہ ربڙ جو رانديڪو ڄڻ، مان تہ مٽيءَ جو
ماٽھو،
منھنجي ھستي ھوڏ ڪي سمجھن، ھن ڌرتيءَ جا
ڄاٽُو.

+





❊

مون نيٽڻ ساگر مان ميڙي، آھي لعلن لپَ،
سَجني چٽڻدا رلندا موتي، چورج ھاڻ نہ چپَ.

.....

تون ڇا ڄاٽين مورنہ ڄاٽين، ڄاٽي پاڪُ اللهُ،
منھنجو اٽڪيل ڪيڏو آھي، ساجن تو ۾ ساھہ.

......

پُون چو بار تنين جو چائي، ڪو نہ جنين ويساھُ،
”پنھنجا پنھنجا ٿي نڪري پئو“، پٽ تان
پُٽڪيو شاھُ.

+

# وايون





❊

پـــورو جـــڳ پَسائي،
پيرن ريءَ نهار اکين جي.

چيري اونداهين کي،
جيءَ مان جوت جلائي،
پيرن ريءَ نهار اکين جي.

ڪا جا ڳالهہ تہ آ ميان!
جا تـــي ڏور اُڏائي،
پيرن ريءَ نهار اکين جي.

اِها ئي آ ڏات جا،
’پَريل‘ ڪان لـــڪرائـــي،
پيرن ريءَ نهار اکين جي.

+

❊

"تون تون" ڪي تون تَڙِ،
"مان" ڇڏ تان ماٺهو ٿئين.

ڪنهن تي طمع نہ طلب
ڪا،
مقصد مطلب مَڙهِ،
"مان" ڇڏ تان ماٺهو ٿِئين.

اُن مان ڇا ٿو پلئہ پئي،
اجائي آڪڙ،
"مان" ڇڏ تان ماٺهو ٿِئين.

پَريل! ٻين ڪي پرت سِين،
قرب سندي م ڪَڙِ،
"مان" ڇڏ تان ماٺهو ٿِئين.





+

❊

مون ڪي ياءِ نہ ياءِ،
مون ري پوندين مامري.

ڳوڙها ڳاڙي پو ڪندين،
هئہ هئہ ۽ هاءِ،
مون ري پوندين مامري.

گيت مون تنهنجي نانءِ ڪِيا،
پَلجان ڳاءِ نہ ڳاءِ،
مون ري پَوندين مامري.

پنهنجي ڌرتيءَ ڌوڙ ڪي،
'پريل'! اڪئين پاءِ،
مون ري پوندين مامري.

+

❊

کَــري کــنــارا،

آيا وري اوڙ تي.

ڏِمُ لهي ويو ڏيل تان، متيا
مونجهارا،

آيا وري اوڙ تي.

وريا، ياڳُ وَري پَيو، جِيءَ جا
جيارا،

آيا وري اوڙ تي.

اوسيئڙي ۾ نيڻ ها، ڏاپيا ويچارا،

آيا وري اوڙ تي.

ٿيا هر ذَرم ۾
سُرخرو، ’پريل‘ پُوڄارا،

آيا وري اوڙ تي.





+

❊

جيءَ اندر جهوري، لُنءَ لنءَ ۾ لوڙِي،
سڄڻن سِڪ
سڪائيو.....

ڏيهه ڇَئي ٿو ڏوهه آ، چاهه ڪجي
چورِي!
سڄڻن سڪ
سڪائيو......

ڪنهن نہ ٻُڌي ڪُوڪَ ڪا، دل ڪَپي
ڪَورِي،
سڄڻن سِڪَ سَڪائيو....

محبت ماپڻ جي نہ آ، گهٽي يا ٿورِي،

سڄڻ سِڪَ
سڪائيو.....

سڄڻ سَندي سونهن تان، جندڙي هي
گهورِي،
سڄڻ سِڪَ
سڪائيو.....

+





❊

”وَڄُ ويندن جي لاءِ“، اڃا نہ آياءِ
ڪانگ! ڪَلهاڪُون تو
لنوين.

ٻَڪي ٿي پيئي ٻَني، جيءَ ۾ جهاتي
پاءِ،
ڪانگ! ڪَلهاڪُون تو
لنوين.

”جِهڄِي، جُهرِي تو جِئي“، ساجن کي
سمجهاءِ،
ڪانگ! ڪَلهاڪُون تو
لنوين.

تنهنجي رڳو تؤنس آ، تاتِ طلب نہ
ڪاءِ،
ڪانگ! ڪَلهاڪُون تو
لنوين.

پنهنجي سيني سين ’پريل‘، لالڻ! اچي
لاءِ،

ڪانگ! ڪَلهاڪُون تو لنوين،
ڪانگ! ڪَلهاڪُون تو لنوين.





❊

جَرڪيو جَڳ جَهان،
تُنهنجي جوت جمال سين.

تنهنجي هستي هوندَ سان،
ماٺڙو ميتا مانُ،
تُنهنجي جوت جمال سين.

لال منجهان ٿيو لعنتي،
شرڪ ڪري شيطان،
تُنهنجي جوت جمال سين.

تنهنجي در تان اُسّري،
’دايي‘ ماٺيو دَانُ،

**تُنهنجي جوت جمال**
**سين.**

+

❊

پهتا تائين توڙ،
پنڌَ اٽانگا پار ڪيائون.

موت قبولي محب پَسيائون،
مري ٻَڌَئون مَوڙ،
پنڌَ اٽانگا پار ڪيائون.

طمع ماري مُڇَ ڪيائون،
لِڪ نہ تن ڪي لوڙ،
پنڌ اٽانگا پار ڪيائون.

ڄَڳَ جيوت جا سانگ
سمورا،
جانب سَندي جوڙ،
پنڌ اٽانگا پار ڪيائون.





+

❊

پورا وار پِنا ڏک ڏنا،
جهُڙياليءَ هن جيءَ کي.

وِچ جئن سارُون ٿيون ڪرن،
تَنِ مَنِ تو نہ بنا، ڏک ڏنا،
جهُڙياليءَ هن جيءَ کي.

سانگيئڙن جي سُپت ڪان،
ڇو مان پاڻ ڇِنان، ڏک ڏنا،
جهُڙياليءَ هن جيءَ کي.

جهنگ جهر ٻُريا ٻول مون،
ڪنهن ڪان ڪين ڏِنا، ڏک
ڏنا،
جهُڙياليءَ هِن جيءَ کي.

کنهن جا
کيتا ’پريل‘ چئي،
ڪجن ڪين ڪِنا، ڏک ڏنا،
جهُڙياليءَ هن جيءَ کي.

+

*

مليو ماءُ وٽان،
ڏُکو دانائيءَ جو.

بجلي بادل جئن وسي،
منهنجي ذات مٿان.

منهنجي سوچ سماج ۾،
ڪنوٽين تجلين جان.





ڪڏهن پِٽَ جي پونءِ
تي،
ڪڏهن اُپ اُڏران.

لوڪن لامڪان جا،
رستا روز ڏيان.

’پريل‘ پُورن ۾ سدا،
لهِي ٿو لوچان.

+

❊

پکين ساهيا پَر،
اُڏرڻ جي لئہ اوچتو.

هيئن نہ هِتان هان وڃن،
جُوءِ منجهان جيڪر،
هيڏي سونهن هلي وڃي،
هتان ٿي هينئر،
رهندي رڳو لوڪ ۾،
’پريل‘ بس پڇر،
پکين ساهيا پَر،
اُڏرڻ جي لئہ اوچتو!

+





❊

پڙهن پُرجهن ٿا،
پاڻُ لڪائي لوڪ کان

ويٺي پنهنجي اندر مان، اُپرن اُسرن ٿا

وٺن واٽ ورونهن جي، سَنجهي سنبرن ٿا

پکي پنهنجي ڏيهہ ڏي، ’پريل‘ اڏرن ٿا.

+

❊

اهڙي ملي مون،
سُتي ڪا ساجاهه جي.

چٽنگ اُٿي ٿي چيت
جي،
منهجن بيتن مَئون.

آئون توٽي اونگهه ۾،
پوءِ بہ تون ئي تون.

مون کي دنيا ڪان مٿي،
منهنجي پَلِي پُون.

پنهنجي مٿيءَ مان
جڙيل،
پاڻ ئي مٿي هُون.





اهڙي ملي مون،
سُتي ڪا ساجاهه جي.

+

❊

مان چٽنگ ڏُکائي آ،
پنيٽ پاڻ پيو آ پڙڪي.

منهنجي خيالن ۾ لٿو،
پاڻ پٽائي آ،
پنيٽ پاڻ پيو آ پڙڪي.

ساڳيو ئي هي بيت ۾،
ساڳي وائي آ،
پنيٽ پاڻ پيو آ پڙڪي.

عطا انهيءَ مون ڪئي،
سُرڪ سوائي آ،
پنيٽ پاڻ پيو آ پڙڪي.

سِنڌوءَ جي ئي دم سين،
دنيا سائي آ،
پنيت پاڻ پيو آ پڙڪي.

+

❊

پرين آيو پاڻ- روح رهاڻ،
ڪئي سين ڪُنبائتي.

سڄڻ ايئن سڌا هجن،
چاجي پو چڪاڻ- روح رهاڻ،
ڪئي سين ڪُنبائتي.

محبت جي مقدار جا،
ڪي ٻ نہ ماپا ماڻ- روح
رهاڻ،
ڪئي سين ڪُنبائتي.





’پريل‘ جي پريت جي،
کهڙي ڪنهن کي ڄاڻ- روح
رهاڻ،
ڪئي سين ڪُنبائتي.

+

❊

ڪو چو ڪنڌ ڪِري،
اسين اُوچي ڳاٽ سين.

پنهنجي يُون يَر ڪان پري،
هنئڙو ڪين هِري،
اسين اوچي ڳاٽ سين.

ماڳن مڪانن مان،
نينهن پيو نِڪري،
اسين اوچي ڳاٽ سين.

’پريل‘ پنهنجي پيچري،

پيرين پنڌ قِري،
اسين اوچي ڳاٽ سين.

+

❊

آءُ تہ اوريون اور،
پائي ڳل ڳراٽڙيون.

لک لهي تو لوڏ ٿي،
ٿهڪن جهڙي ٿور،
اهڙي تنهنجي آجيان،
مَرڪي ڪُڏيا مور،
سچا يَوَ سماج جا،
يَجِي ڪجن يور،
پائي ڳل ڳراٽڙيون.

+





❊

'پريل' ڪيئن پَڏي- نيت
لڏي
وڃڻو آ ٻي جوءِ ڏي.

مون کي وڏو مامري، جند ۽ جيءَ
جڏي
وڃڻو آ ٻي جوءِ ڏي.

اڃا هو بہ نہ آئيا، جن کي ساهہ سَڏي
وڃڻو آ ٻي جوءِ ڏي.

پنهنجا پرين پاڻ ئي، ڇا ڪان ويام
ڇڏي
وڃڻو آ ٻي جوءِ ڏي.

مرندا سپ ماري هِتي، ٻين لئہ چار
اَڏي

وڇڙو آ ٻي جوءِ ڏي.

ڏاڍن ڏيهه ۾ ڏات هي، گُونجي واڪ
وڏي
وڇڙو آ ٻي جوءِ ڏي.

+

❊

چوڏهينءَ رات جو آءَ
آئون اڪيلي
آهيان.

هيڏي ساري ڳوٺ ۾
سڄڻ نہ تو ريءَ ساءَ
آئون اڪيلي
آهيان.

چانڊوڪي آ چُور ڪيو
دل تي ڪري داءَ





آئون اڪيلي
آهيان.

جهوري تي هن جند کي
واڪا ڪري واءَ
آئون اڪيلي
آهيان.

تات ڏئي تي تن کي
گهڙي گهڙي نئون گهاءَ
آئون اڪيلي
آهيان.

جَڙي توسان جيءَ کي
پريل! نہ ڪو پڇتاءُ
آئون اڪيلي
آهيان.

+

# گيت





❇

دل جي دنيا درهم برهم،
ڪير ڦٽن تي رکندو مرهم،
آءُ پريتم...... آءُ پريتم!

عشق وِهاريو منجهه اوتاري،
پيار پڪاري تند تنواري،
سُر سنگيت سان توکي ساري،
پيار جو پلتو، سِڪَ جو سرگم،
آءُ پريتم........ آءُ پريتم!

چوڏس گُونجن نينهن جا نعرا،
ماڻهو مِٺڙا ۽ موچارا،
سِڪ کي چاهن تا سڀ سارا،
جهرجهنگِ جهومي پيار جو
پرچم،
آءُ پريتم...... آءُ پريتم!

’پريل‘! پنهنجو عشق الستي،
محبت جي نس نس ۾ مستي،
باھ برِهہَ ۾ دل جي بستي،
آءُ هِلي من! ٽئي کو گھٽ غَمُ،
آءُ پريتم...... آءُ پريتم!

+

❊

تنهنجو حڪم عدالت جهڙو، تو جو پاڻ
سڏايو،
حاضر آيو.........!

سمنڊ جون لهرُون توڙي ساجن،
طوفانن کي موڙي ساجن،
تو وٽ پيار پُڄايو، حاضر آيو.........!

من ماندو ۽ اڪ آ آتي،
سالن جي سِڪَ اڄ ٿئي لاتي،
لايو ٽِيو سجايو، حاضر آيو.........!





تُنهنجي مُرڪ سان گُل ٽڙي پيا،
تُنهنجي ٽهڪ سان ساز ڇِڙي پيا،
تڏهن تہ ’پريل‘ ڳايو، حاضر آيو.......!

+

❊

رات بہ ننڊ ڦِٽائي يار،
تنهنجي سار جو آئي يار!

اڪ اٽڪڻ سان دل وئي اڙجي،
قرب ڪِيو قابو، پِياسين
ڪڙجي،
ڪَل نہ هئي اڳَ ڪائي يار!

سوچان تولئہ، سِڪَ وڌي ٿي،
ڏسندي ويتر ڇڪ وڌي ٿي،

جاني جائي پائي يارا!

گُل کن سجدو ڳاٽ
جهڪائي،
چندبہ بہ بيٺو هَئہِ شرمائي،
تو وٽ سونهن سوائي يارا!

رات بہ نندبہ ڦِٽائي يار،
تنهنجي سار جو آئي يارا!

+





❊

پريَن جا ٿِي پَنڌ
پُڇايان،
ويٺي پُـــور پَچايان.

آءُ اڪـــيـلـــي،
نـــار نـــويـلـــي،
هـــن ري منهنجـــو،
ڪو بـــ نہ ٻيلي،
وڇن پئي ورجايـــان،
ويٺـــي پُـــور پچايان.

هـــو جـــي ناهـــي،
سِڪَ تـــہ آهـــي،
سڪ سچيءَ جي،
چِڪ تـــہ آهي،
ياڳ يلا ٿي پانيان،
ويٺي پُـــور پچايان.

آ پــرديســـي،
نـــاهـــي ديـــسي،
ڪنتـــا، مُنديـــون،
گـــيـــڙو ويـــســـي،
ڪنهن سان روح
رلايان،
ويٺي پُور پچايان.

+





❊

جل پري پوپري،
پوپري جل پري!

جيئن مُرڪي ٽِڙي،
دل ۾ ويئي گهِڙي،
هوءَ جا چوڪري،
پوپري جل پري!

پَر مان جيئن تي
ٽِپي،
جڻ اندر تي ڪپي،
وڃ ڏِئي تي وَرِي،
پوپري جل پري!

ڪڏهن پئي تي
ڪِڙي،
ڪڏهن پئي تي
چِڙي،

**ڪڏهن ويندي هِري،**
**پوپري جل پري!**

**ڪاش منهنجي ٽِئي،**
**موهہ محبت ڏِئي،**
**ڇو وجي ٽي ڏري،**
**پوپري جل پري!**

**من جي راٽي ٽئي،**
**شال سياٽي ٽئي،**
**چلولي آ چرِي،**
**پوپري جل پَري!**





❊

**ڪا پَلڪ پرين! پيار مان، مُرڪي تہ نهاريو،**
**مئلن کي جياريو.**

**هِي مُرڪ مِٺي مان تہ چوان ”سُرڪ آ سِڪ جي“،**
**اڄ نيڻ ڪٽي مَڏُ پريا، ڪو جام پياريو،**
**مئلن کي جياريو.**

**تولاءِ پِيا! رات جو، وِيو ڏيئو اُجهامي،**
**اک ڇنڀ سان اونداهہ ۾، هِي اگڻ اُجاريو،**
**مئلن کي جياريو.**

**سيئي پِيا سُمهي پنهنجي پنهنجي درد جا ماريا،**
**پر پرهہ ڦٽي تائين پئي ’پريل‘ پُڪاريو،**
**مئلن کي جياريو.**

+

❊

**تنهنجي هر عڪس سان ڇٽيل**
**ڇاتي،**
**پيار تنهنجو پرين آ پرڀاتي.**

**اندلٺي رنگ، سُونهن ريڪائون،**
**ڪارِ فطرت جون ڌرتتيون ڇائون،**
**اهڙي تخليق تون بہ ڪئناتي.**

**نيهن جو نئون نظام ڪو ٺاهيون،**
**ڪوڙهہ ڪاڌل رِوايتون ڊاهيون،**
**جوش اهڙي سان ٿِيئون جذباتي.**

**هيءُ سنسار تو سوا سنسان،**
**سارو ماحول ٿو لڳي ويران،**
**تولئہ دلڙي ڇري صفا آتي.**





❊

**رم جهم رِم جِهم رُت**
**بسنتي،**
**آنهِ ڪٿي تون سِر جِي سَرتي؟**

**هِيرَ اُٿي جي وارَ وڪيري،**
**فطرت رنگ پريا هن ڀيري،**
**وڻ ٽڻ گُل ڦُل جهمريون پائن،**
**پاتي سائي پوتي ڌرتي،**
**آنهہ ڪٿي تون سِر جِي سَرتي!**

**باک ڦٽيءَ جو ماڪ وسي ٿي،**
**ڀني ڀني خوشبوءِ اچي ٿي،**
**پَر تَو جاءِ پري تہ پري ڪيئن،**
**باغ بہ ٻهي نہ ڪرن ٿا پرتي،**
**آنهہ ڪٿي تون سِر جي سَرتي!**

مُرڪ مينهوڳِي جهڙي
تنهنجي،
سُرڪ سِڪوتي اهڙي
منهنجي،
تنهنجا نيڻ پيالا پيبا،
پرت اسان جي توکي پَرتي،
آنهه ڪتي تون سِر جِي سَرتي.

+





❊

تون وئين مَتجي، مون ڪان
ڪَتجي،
آءُ اِهوئي ساڳو ڙي،
آءُ اِهوئي ساڳو.

هينئڙو پنهنجو ڦارون ڦارون،
جنهن جو ڪوئي دوا نه دارون،
دل جي دردن جو تو وٽ ئي،
ٽوٽو، ڦيٽو، ڏاڳو،
آءُ اهوئي ساڳو.

رات جا تارا لهي هليا وِيا،
ماڳ سَندي ڏي کهي هليا وِيا،
پرهه ڦٽيءَ پيي ڏني نه پنکي،
اکڙين سو اوجاڳو.

لالڻ تو ري ڏاڍو لوئي،

سَنڌ سنڌ پنهنجو ايئن سموئي،
تئي تـــي ماني جيئن پَچائي،
’پــريــل‘ درد اَپــاڳــو،
آءُ اهــوئـــي ســاڳــو.

+





❊

تون ڪٿي آن پِيا!
تون ڪٿي آن پِيا!

نہ سي راتيون رهيون،
نہ سي چاندوڪيون،
نہ سي تارا ڪَتيون،
مون ڪِيو اوسيئڙو،
تو لئہ ٻاري ڏِيا،
تون ڪٿي آن پِيا!

ڪُونج ڪرڪي وئي،
ٻاهه ڀڙڪي پئي،
سار تنهنجي سري،
دلڙي ڄرڪي پئي،
تو نہ ڪئي موٽ ڪا،
ڏينهن ڏاڍا ٿيا،
تون ڪٿي آن پِيا!

منهنجي محبت جيئي،
مان جيان نہ جيان،
هاڻ تان اَچ هلي،
گهور توتان ٿيان،
قرب لئہ ڪيترا،
مون ڪشالا ڪِيا،
تون ڪٿي آن پِيا!

نہ اهو ڏينهن آ،
نہ اهو نينهن آ،
جهڙ جهُڙالو نہ سو،
نہ وَٺو مينهن آ،
تو لئہ تڙپي لُڇي،
روز پايان لِيا،
تون ڪٿي آن پِيا!

+





❊

اُپ ۾ ٿم ٿِم تارا بيٺل، پوءِ بہ مينهن وسي ٿو
رنگيءَ رنگ نرالو
جُهڙ ڦُڙ آهہ جُهڙالو.

رُت بسنتي رِم جِهم رِم جِهم
مستيءَ ۾ ڏس گُم سُم گُم سُم
موج ۾ هر متوالو
جُهڙ ڦُڙ آهہ جُهڙالو.

گوُنچن سان گڏ گُل ٽِڙي پيا
پُون تي پوپٽ پنور مِڙي پيا
هر ول وڻ وڻ آلو
جُهڙ ڦُڙ آهہ جُهڙالو.

عشقَ اُجاريون آتيون آهن

مينهن ڪَـٽيون مَڏُ ماتيون آهن
’پريل‘ پيتو پيالو
جھُـڙ ڦُـڙُ آهه جھُـڙالو.

+





❊

ساهه اوهان ۾ اٽڪيل ساجن،
آئين ڪين اڃان،
مان ڪيئن مات مڃان.

آڳريون وارن ۾ وِچڙيون،
”چُميون چپن کي پئي ٿي
چنبڙيون“،
يادن سان گڏ مُرڪون منڙيون،
ورتيون ساڻ وڃان،
مان ڪيئن مات مڃان.

تنهنجي پيڙا پُور بہ تنهنجا،
سانديا دلڙي سُور بہ تنهنجا،
سورن پورن جي ڏَڍَ تي ٿو،
راتيون ڏينهن پچان،
مان ڪيئن مات مڃان.

تو ريءَ اوندهہ ٻاٽ نسوري،
مان ۽ منهنجي محبت پوري،
تن جي تار ڳنڍي مان توسان،
پو ڪيئن دل پَڇان،
مان ڪيئن مات مَڃان.

+

❊

وار ڇڏيا تو چوڙي ڪنڌ تي
هيرون ٽيون هُٻڪارُون
ڇِڙيون اندر جون تارُون.

پيار جا پوپٽ مِڙيا منٿ ۾
مرڪي تو چپ چوريا
سونهن تي ڪئين سِر گهوريا!

نيڻ ڪنيا تو تير هنيا تو
نظر وتا نيشانا





ڪوڙ ڪِريا ديوانا.

پير ڪٽي تون جو نڪتو هئين
ماڳ مڪان گهميا ها
رستن پير چميا ها.

+

❊

اُتر جي هير آئي آ
اوهان ڇو دير لائي آ.

ڪڇهرا قرب جا ٽيندا
مچر ايندا هليا ويندا
ها، آهيون مالوند مارو
اسان دونهين ڌُڪائي آ.

ڪري ڇڙڪار وينا هون
تڪيندا يار وينا هون
انهي ماحول هوندي پي
وِٽي تو ڪئي اَجائي آ.

ڏگهيري ٻانهون ملنداسين
پرين خوش ٿي جو ڪلنداسين
اسان جي لئه انهيءَ ڪان وڌ
سعادت ٻي نه ڪائي آ.





رڌم آ گيت جهڙو ڪو
الا! تو ميت جهڙو ڪو
فضائن نغمگي اهڙي
سُرن جي ڪا سمائي آ.

عقيدن ڪان صفا بالا
ڏٽي ڪِيو عشق ڪي اعليٰ
ڪنهين پيي تور ۽ تڪ ۾
سپن ڪان سڪ سوائي آ.

اچين جي اج هلي گهر ۾
ٿئي ايئن ڇئه پڇئه تر ۾
"پڏر ۾ 'پريل داپي' سان
مِٽي محفل رچائي آ."

اُتر جي هير آئي آ
اوهان ڇو دير لائي آ.

+

# نظم
# ۽
# آزاد نظم





## رات جو پيٽ ۾ ايڏو اونهون

رات جو پيٽ ۾ ايڏو اونهون
جنهن جو ڪوئي ڪاتو ناهي
ان جي اندر آد جڳاد ڪان
جاري آهي سفر اسان جو
ايئن لڳي ٿو
رات ۾ ڄڻ ڪو دريا آهي
جنهن جو حاڪم مانگر مڇ آ
اسين سڀئي ڄڻ مڇيون آهيون
جيت جٺا هن رعيت هن جي
۽ هي مهاڻا مشير هن جا
وزير هن جا،
بندر جي ڪا پَئي نہ ڄاڻ
سندن نظر ۾
دريا ڪي ڪو ڪنارو ناهي
انت اونداهي جو آڻ لاءِ
ڪو رستو ڪو چارو ناهي
مگر رات جي پيٽ ڪي چيري
وڌون ٿا اڳتي

ڪاري رات مان باک ٿيڻ جو
ڪين آسرو لاٿو آهي
رات جو پيٽ به ايڏو اونهون
جنهن جو ڪوئي ڪاٿو ناهي!

+

ڏات ديوي

ڏات ديوي ٿي مهربان آهي
جيڪا ور ور پئي لڪائي ٿي
پَر پڪي ڪو جتي هٽي نه سگهي،
جت ڪا اُوچي اُڏار ٿي نه هجي
هٿ تنهن هنڌ ڪٽي هٽائي ٿي
ڏات ديوي ٿي مهربان آهي.
ناچ موهن جي ناچڻي وانگي
پوري تهذيب کي نچائي ٿي
يا رني ڪوٽ، آمري بڻجي
رنگ تاريخ جا پَسائي ٿي
ڪڏهن گهر ۾ ۽ گهٽن ۾ ڪڏهن





ڪڏهن ٿر ۾ يا بَرپٽن ۾ ڪڏهن
ڪيرٿر تي يا ڪارونجهر تي ڪڏهن
من جي مڪليءَ تي يا منڇر تي ڪڏهن
دل جي پنپور شاهه بندر تي ڪڏهن
دبي ديبل تي ۽ مياڻيءَ تي ڪڏهن
ڪوٽ ڏيجيءَ جي کهاٽيءَ تي ڪڏهن
”تخت اروڙ“ پُجاٽيءَ تي ڪڏهن
لڪ ۽ پيچرا لانگها چارا
جن تان گذريو نه صدين کان ڪوئي
سي ئي گس گهات سڀ وڻائي ٿي.
ڏات ديوي ٿي مهربان آهي.......

+

**پرياٽ جو چوراهو**

ٿُتي جو تند تنبوري جي
اڌورو ٻول رهجي ويو
نہ سا رُون رُون
نہ سا تُون تُون
نہ سا ها ها
نہ سا هُون هُون
نہ سو رِدم
نہ سو سرگم
نہ سي تالُون
نہ سي چالُون

چيو هو سين
”سفر سُرَ جو
اسان جي فن فڪر گُر جو
انڌاري رات کي نيندو
سياڳو صبح ٿي ويندو“
مگر ايئن باک کان اڳ ۾
اياڳي درد جي دڳ ۾





اڌورو قول رهجي ويو
اسان جي راڳداري ۾
وڏو ڪو جهول رهجي ويو!
ٿتي جو تند تنبوري جي
اڌورو ٻول رهجي ويو!

+

الميو

ڪُڇڻ تي ڪن پيا ڪاوڙ
رُئڻ تي پي رَهن رنج تا
نہ ڇوريو چپ نہ سڏڪاريو
دٻايو درد ڪي دل ۾
هتي مُرڪڻ مهانگو آ!
کلڻ چاهين تہ ڇا کِلندين؟
اسان جي ديس تي اوندهہ
الڳ ڇانيل سڄي جڳ کان
جتي ڪو ٺهڪ گونجي ٿي
نہ ٿو ڪنهن جو هوائن ۾
نہ ٿي ڪي عڪس دردن جا
ليئو پائن فضائن ۾
خوشين جا ڪوڙ وِيا ڪسجي
غمن جا گهر ڀريل آهن
نہ ٿي ڪو روڄ گونجي ٿو
نہ ٿي ڪو سوڳ ٿو ڏسجي
اسان جي ماٺهن تي پي،
خنجر دستور جو لٽڪي!





نہ ڪُڇڻو آ نہ پُڇڻو آ
نہ ڪو روئڻ نہ ڪي ريهون
ملڻ ۽ کلڻ تي بندش
ايئن ٿي ديس منهنجي تي
وهي گوڏا ڇَتائي ٿي
حياتي پيٽ ڀَرِ گسڪي
رڙهي ٿي بس!
رڙهي ٿي بس!

**پنيوري**

پنيوري جيئن اُڏي آئي
هئي ڇڻ ڏوپچي نڪتي
شفق جي سون پاٽيءَ مان
بدن چاندي ۾ مُکُ سونو
نہ پيتا جو نمونو ڪو
نہ پرواهہ ڪنهن جو اونو ڪو
اُڏي آئي تہ مُعطر
ٿي ويا ماحول جا منظر
سُهائي ڇانئجي وئي
زندگي جا رنگ نکري پيا
انهيءَ پرِ پل ۾ ٿي ترسي
وري پرڙا وِڪيري ٿي
ڪونئون منظراُٽڻ جي لئہ
اُڏامي ٿي
اُڏامي ٿي.

+





❊

هٿ مان گرهہ ڪِري پيو
شايد ڪنهين سنپاريو
ها ياد ڪجهہ ڏياريو
مُوکي جا مَٽَ پريل هِن
تاسو ڪٽي وسين تُون
باقي پياڪ ڇا جوا؟
سنڌڙيءَ جي مَڏُ مان سُرڪي
پيتي جنين نہ موٽيا
سِرڙا ڇڏيائون گهوري!
ڪنڌڙا ڏنائون ڪوري!

+

❇

اونداهيءَ جي پاڇن پويان
بيٺو آهي ڪير!
چانڊوڪيءَ جي چمڪ نہ ڪائي
ڏُنڌ ئي ڌُنڌ ۾ ساھ تو گهُٽجي
ڪنهن پاسي گوگاءُ نہ ٻڌجي
واءُ بہ آخر بيهجي ويو آ،
ڪو اهڙو راتاهو پيو آ
ڌرتي ماتا جي سيني تي
ڏارين پاتو پير......
بيٺو آهي ڪير!؟
ڏات نگر جي ڏيئاٽين سان
گيتن غزلن ۽ نظمن سان
جهيڙو جنگ ڪئي بي سگهبي
ڪات ڪهاڙن ريءَ پلا جي
ڪاري رات ڪئي پي سگهبي
ماري ڇڏ جي ميرُ.........
بيٺو آهي ڪير.........!؟





ڪَوِتاڪارجي سُرت لُڇي تي
ڪجھ نہ ڪرڻ تي پِرت پُڇي تي
ڏاري جيئن ڏري هر ڏَرَ ڪي
جاڳائي جا هِت گهر گهر ڪي
ڪوڙي سياست جي ڪوٽن جو
پيچڻو آ هَر پير....
بيٺو آهي ڪير.......!؟
اونداهي جي پاڇن پويان
بيٺو آهي ڪير.........!؟

## پاڻ بہ پيئندا هاسين

کهڙي ڳالهہ تي ايئن رُٺي آن؟
تنهنجي هڪڙي جهلڪ ڪپي ٿي
۽ ٻي تنهنجي مُرڪ ڪپي ٿي
پنهنجي دل جي راحت خاطر
پيندا هاسين
۽ تو خاطر جيندا هاسين......
سچ پُڇين تان بيچيني آ
دنيا ڪيڏي مَندي آ.
وسڪيءَ تي پابندي آهي.....!
تنهنجي اک جي سُرڪ ڪپي ٿي
۽ ٻي تنهنجي مُرڪ ڪپي ٿي.....!
جيڪا جيءَ جياپو آهي
ٻيو سڀ جيون ڪاپو آهي
تنهنجي اک جي سُرڪ ڪپي ٿي
ها ٻِي تنهنجي مُرڪ ڪپي ٿي.





## روشنيءَ جو ڏوهہ

زندگي ۽ روشني جو ڏوهہ آ
هي تہ سارو سچ جو ئي ڊوهہ آ
سچ جي تَپش ۽ تابش
ٿي وسيلو اُپت جو
هو تہ سارو ڪرشمو
مالڪ سچي جي سُپت جو
ڪونہ هو وهنوار اِيهو
ڪوڙ جو يا ڪُپت جو
ڳوَنچ نڪتا گل ٽڙيا
هي وڻ ڦٽا وٽڪار ٿي
واهڙ وَڙها واهڻ وسيا
شهرن جي ٿي ڇُر پُر ڇٽي
اُن سچي مانداڻ ڪان اڳ
ڪونہ هو گهر يا گهٽي
ها تڏهن ڪان ڪنهن قوت جي

ويڙهه آ وڏويجهه سان!
ٿو وڏي ماڻهو تڏهن پِيي
هيج سان
ارتقا جي عمل کي
روڪڻ لاءِ اڄ پيي سرگرم
سا قوت گوليون هڻي ٿي سچَ کي!
۽ گهُري ڪُچلڻ ٿي جيوتَ بچَ کي!
هُو تہ پنهنجي سوچ دُهرائن پيا
ها! سندي سرُ تار سان ڳائن پيا
”زندگي ۽ روشني جو ڏوهہ آ
هي تہ سارو سچ جوئي ڊوهہ آ“

---

برف ۾ سورج کي دفنائن پيا
زندگي ۽ روشني جي ڏوهہ ۾.
(تاج بلوچ)





❊

هوائون ٻُڌائن ٿيون محبوب ايندو
ڏٺي ڏينهن ٿيا، هن جو چهرو پسڻ کي
گهمون ٿا اتي ڪو گهُمي ٿو سگهي ٿا،
وسون ٿا اتي جت وسي ٿو سگهي ٿا.
مگر سو مزو ڪٿ جو هن جي ملڻ ۾
ملڻ ۾، ڪلڻ ۾ ۽ گڏجي گهمڻ ۾
هوائون ٻُڌائن ٿيون محبوب ايندو
ها ايندو يقيناً تہ سڪ مان سڏيندو
چڪي مون کي سيني سان سينو گڏيندو
اهو پهر ’پريل‘ جي تاريخ ٿاهي
انهيءَ لاءِ تہ وينو ٿو هرهر واجهائي.

+

**اوچوڳات**

**”اُبري نيت تہ ڪاڌو ڦاٽ“**
**عشق ڪرايس اوچو ڳاٽ**
**ريتن جي واهڻ جي چوري**
**سپ ڪان اڳري**
**زوران زوري**
**ٻڄي پوري**
**ڪوٽ ڪَڙن ڪي ٽوڙي موڙي**
**ازلي ناتو نينهن نيائڻ**
**نڪري پيئي!**
**ڪارنهن جي تلوار هٿان ٻہ**
**اڌ ٿي ويئي**
**پنهنجي پريت ڇڏيائين پاڙي**
**ڪنهن بہ نہ سمجهو سڪ اِنهيءَ ڪي**
**ڪو چو هن تي ڳوڙها ڳاڙي!**
**پر تون هيءَ حقيقت ڄاڻج**
**ڄاڻ انهيءَ سان موجون ماڻج،**
**سچ نہ ڪڏهن چڙهي ٿو ڦاهي**





**سچ اٿئي سچ،**
**سچ رهڻو آ**
**لهي ڪري بہ اُڀرڻو آهي،**
**انت تہ ان جو اڇڻو ناهي.**
**سچ لئہ چا جو ڦاسي گهاٽ**
**اُبري اُبري ڪائي ڦاٽُ**
**عشق ڪرائي اوچو ڳاٽ!**

+

## پرهه جي نانءِ

اجا بہ ڏيئو، اجهاٽو ناهي
هُوءَ آهي اجا نہ آئي!
رات جي پيٽ ۾ نہ ڇا ٿيو
گهُگهُہ اُونداهہ، ڪُوڪون ڪيهون
ڪنهن سُٽيون راڄ جون ٿي ريهون
ڪنهن جي ڇاتيءَ تي ڇري هئي
ڪنهن جي اُمنگن جو چمن اُجڙيو
انتها ٿي بي حيائي.......
اجا نہ آئي!
ٻاٽ ۾ لاٽ جو نمونو
صبح جي سوجهري جو اُونو
سياهہ ڪاري مٿان هي چونو
عشق آ يا اُٻهرائي.........
اجا نہ آئي!
اِئين نہ ٿي جو هوا جو جهوٽو
لاٽ ڏِيئي جي مروڙي
تيز تر وقت جو وهڪرو





سڀ ئي آشائون مروڙي
سرت ساڃاهہ جي سهاري
آس تي جا آهہ اٽڪيل
ساهہ جي سا تند ٽوڙي
ڪاش اِئين نہ ٿي او ساٿي.
اڇي تہ ان ڪان اڳي اڇي مَنَ،
روح ۾ ڪو رنگ رچي مَنَ.
اُڃ اندر آ سِڪَ سينو،
طلبي تَن مَن ٿو سُهائي.....
اجا نہ آئي!
اجا بہ ڏِيئو اُجهاٽو ناهي
هوءَ آهي اجا نہ آئي.......
اجا نہ آئي!
اجا نہ آئي!

+

❊

هينگ کُتي کئي
گڏهن پونڪيو
ڏينهن ڏٺي جي اونداهيءَ ۾
رات جا روشن ڪرڻا ڪرڻا
مستقبل کي چيٽاڙن ٿا
پنهنجو پاڻ کي ڪين سڃاڻن
ٻين جون ڳالهيون اوتارن ٿا.

+





❊

دل دنيا جو درد انوکو
سمجهائڻ کو ناهي سوکو
هڪڙي پاسي جوکو آهي
ٻيو پاسو اوکو آهي
ڪهڙو پاسو مان اپنايان؟
هڪڙو پاسو سٽيو سائو
ٻيو پاسو صاف ۽ سڪٽو
ڪهڙي ريت ۽ نيت پلي آ
ڪهڙو پاسو مان اپنايان؟
ماٺهو آهيان ڍور نہ ناهيان
جڳ جي ليکي ڪجهہ پيي آهيان
هڪڙي پاسي رنگ رنگينون
ٻئي پاسي سينن تي سنگينون
هڪڙي پاسي ڏک ڏولاوا

ٻ ٻئي پاسي جڳ جا جاوا
هڪڙي پاسي بُک بدحالي
لوڪن پيٽ بُکيو ۽ خالي
ٻ ٻئي پاسي موج ۽ مستيون
شهر نوان ۽ روشن بستيون
ڪهڙو پاسو مان اپنايان؟
جهانگيئڙن ۽ وانگيئڙن جي
سُورن ورتل سانگيئڙن جي
ديس ۾ ويٺو دُوڏَ دُکايان
اونداهين کي چيرڻ جي لئه
روشنين جي راهه وٺايان
شاعر آهيان شعر ٿو ڳاهيان
سارا ڏوهه ٽڳيءَ جا ڏاهيان
پنهنجي مَڳ مستي سان جِئبو
حق ۽ سچ جي پاسي ٻِهبو
اِن پَر پنهنجي ريت نرالي





ٻين کان ’پريل‘ پريت نرالي
ها سچ پاسي وک وڌايان
قوم جو مان ٻه ته رهبر آهيان
شاعر آهيان! شاعر آهيان!

+

❊

پنهنجا پڪا پختا ناتا
او ڌرتي ماتا.........!
سونهن سنڌءِ سينگار تي ويهي
هر مُند جي هُٻڪار تي ويهي
ٻهراڙيءَ جي پار تي ويهي
پورهيت جي پُڪار تي ويهي
هاريءَ جي هَرَ ٻار تي ويهي
وڏيرن وهنوار تي ويهي
پنهنجن جي پِرڪار تي ويهي
دودن جي دڌڪار تي ويهي
گولين جي گونجار تي ويهي
ڌارين جي يلغار تي ويهي
ٻيلن ۾ ٻاڪار تي ويهي
گُل نہ ڪٽي پَرَ خار تي ويهي





راڳي ٿي سرتار تي ويهي
مون هي ڳيچ ازل جا ڳاتا
او ڌرتي ماتا.......!
تنهنجو منهنجو رنگ بہ ساڳيو
ساٿ بہ ساڳيو سنگ بہ ساڳيو
ارٿ بہ ساڳيو انگ بہ ساڳيو
جهانگين وارو جهنگ بہ ساڳيو.
چاهہ جو چوريون چنگ بہ ساڳيو
ڍولا ساڳيا ڍنگ بہ ساڳيو
ويڙهيچن سان ونگ بہ ساڳيو
دُر دشمن لئہ دنگ بہ ساڳيو
ٻاڻُ بہ ساڳيو ٻنگ بہ ساڳيو
ڏوهہَ ڏَجهن لئہ ڏنگ بہ ساڳيو
نرت ۽ نينهن جو ننگ بہ ساڳيو
توسان پيچ پريت جا پاتا
او ڌرتي ماتا....!

*

عيد آئي، وئي،

مون گذاري ڇڏي

تو پرينءَ کانسواءِ

درد دل ۾ دٻي

ڇا ڪيان ٻيو ڀلا؟

ڪنهن چيو "ڪونہ ٿي!"

ڪنهن چيو "ڇو نہ ٿي؟"

هڪ جو ٻيو جواب ڏئي

ڳالهہ ٽاري ڇڏي

تو سوا او پرين.

عيد گهاري ڇڏي!

عيد گهاري ڇڏي!

+





**وحدة الوجود**

اوهان جيڪي ڪجهہ ٿيي

ذهن ۾ ٿا سوچو

ٻُڌائڻ بنا سڀ ٿي

سمجهي وڃون ٿا

اوهان جي اندر ۾ تہ مان ئي وسان ٿو

مان پاڻ پنهنجو اوهان ۾ پسان ٿو

۽ ماڻهو اوهان کي تہ مون ۾ پَسن ٿا

مان ۾ تون، تو ۾ مان

اسان ۾ اِهي ۽ اِنهن ۾ اسان

تہ پو "تون تون" ڇاجي

۽ "مان" جو تصور

تون هڪ آهين

۽ مان هڪ آهيان

اهي هڪ آهن

اسان هڪ آهيون

اسين ۽ اوهين سڀ ئي هڪ تہ آهيون

هڪ حق آهيون
حق حق آهيون.

+

ڇَسي ڏات

ڪا سپ ڪوڏي
لعل نہ موتي
لهرن ۾ سا لات نہ آهي
گجگوڙون گوگاءُ نہ آهي
ساڳيو سر سوساءُ نہ آهي
اونهو بحر عميق بہ خالي،
ڌرتي جي دل آهي آلي،
ڪنهن اَڪ ۾ آلاڻ نہ ڪائي
سوچ سندر لالاڻ نہ ڪائي
لالائي جا لوچ ڏياري
آئندي جو اُتساهہ اُڀاري
ماڻهن کي جا جاڳ ڏياري
ايئن ڪوي ٿو ليکا پائي
بي مقصد ٿو ٻول ٻڌائي
جنهن ۾ ڪو رس چس بہ نہ آهي





گهاٽ نہ ڪوئي گس بہ نہ آهي
منهنجي دور جي ديس جو شاعر
انڌو منڊو ٽنڊو آهي
دل جو ڪوٺو رنڍو آهي
واهڙ وائڙي واهہ بہ وائڙو
وائڙي لهر- درياهہ بہ وائڙو
اُن اپاڳي درد کي سمجهي
ڌرتي پاڻ پڪاري ٿي!
پنهنجو ديس اُٿاري ٿي
ها، جذبو جوش اڀاُري ٿي.
ڌرتي پاڻ پڪاري ٿي!!

❊

تا اُڏن چٽنگن جيان چمڪا ڪري
گيت منهنجا هي اُماوس رات ۾
هن نسوري ٻاٽ ۾
روشنيءَ جا ترورا ئي ترورا هر لاٽ ۾
روز جاڳائي اُتن تا ذهن مان

## گيت تانداڻن جيان

ٻه ڪرڻ پيچو ٽا تن جو

لوڪ ڪن ٻارن جيان

روشنيءَ جو روپ ٽوڙي

ٽو سناٽو سانت جو

انت اچڻو آهه هاڻي رات جو.

+

❊

ڏينهن ڪي ڏينهن ڇو ڏڪيو آ ڇوڻ؟

انهيءَ ليڪي ۾ ڪو پيئي ته ڏسي،

رات ڪي رات ڪو ڇٽي ته ڏسي.

رات انڌير جي علامت جا

جنهن ۾ لُٽجن ٽا رنگ فطرت جا

جنهن ۾ وڃجن ٽا انگ محبت جا

جنهن ۾ ڪپجن ٽا سنگ صحبت جا





جنهن ۾ ڪٽجن ٽا ٽنگ الفت جا

ها اهو سچ ڪو سهي ته ڏسي

رات ڪي رات ڪو ڇٽي ته ڏسي!

انهي ليڪي ۾ ڪو پيئي ته ڏسي!

+

❊

**کانن جي ڪُرسيءَ تي ويٺو**
**راجا ريڙ جو راڄ ڪري ٿو**
**”رانديڪن جا ٽولا ٽولا**
**لوھ جا ماڻھو ڳھيو وڃن ٿا“**
**پڪي نڪ سان شينھن ٺڪر جو**
**ھرھر اھڙو حڪم ڪري ٿو**
**”ھا ھا ھا“ ٺھڪ ڏئي ٿو**
**ڏرتي تارا ڦوٽاري ٿي!**

+





❊

**رات چوڏھينءَ چنڊ جي**
**۽ پرھ پورھيت ياءُ جي،**
**مان ٿو سوچان چاندني ۾**
**چنڊ سان ڳالھيون ڪري**
**تارڙن جي ڇت جي ھيٺان**
**گُھرجي باغيچي اندر**
**ڇا اڪيلو آئون جاڳان**
**يا ڪو ٻيو بہ سجاڳ آ،**
**رُوح منھنجي ۾ ئي رُون رُون**
**يا ڪٿي ٻيو راڳ آ**
**چنڊ چانڊوڪي تي لڪجي**
**يا پگھر آلاڻ تي**
**جنھن پسيني ساڻ قائم**
**مرتبو مزدور جو**
**ديس ۽ دنيا سڄي،**
**ساجاھ جي دستور جو**
**ڇو نہ ٿيا مزدور ھڪ**

پوري دنيا جا پاڻ ۾
مون ڪَوي جا خيال تاڻن
اڄ بہ هن چڪتاڻ ۾
ديس جو شاعر ٿي سوچان
آءُ جڳ جي ڄاڻ ۾
يا وري ساڳي طرح
سوچان لڪان گُل بوءِ تي
يا وري مئہ موج مستي
جي وڄان مانداڻ ۾
جت صُراحي جام آهي
سڀ پِياڪن جو لڳل
ڇڻ دام آهي
مان بہ پيئان
مان بہ جيئان
پاڻ پنهنجي ذات ۾
۽ ڪڏهن بہ نہ فرق سمجهان
ڏينهن ۾ يا رات ۾
ديس جهاڳي درد پل،
ٻوليان ٽِپو بہ نہ جُوءِ تي





مان لڪان گل بوءِ تي
ٻوليان ٽپو بہ نہ جُوءِ تي!
ٻوليان ٽپو بہ نہ جُوءِ تي!

### شاعر

دردن جي دلربائي،
آتت تي ڏي عجيب،
ٻين جي خوشيءَ جي خاطر،
جڳ ۾ جئي اديب.

لُڙڪن ڪي لفظ ڏيئي،
لکندو رهي سدا،
دردن جي دل جي گهر ڪي،
ڪيڏو نہ آ قريب.

تو لعل لهي لوچي،
سيوي سمونڊ ڪي،
ڏسجي تہ ان ڪان وڌ ٻيو،
ناهي ڪو خوشنصيب.

**تيلي بنا قلم سان،**
**ٻاري ڏِيا ٿو شاعر،**
**پو ٻيي سماج ۾ سو،**
**سڏجي ٿو ڇو غريب!؟**

## پوياڙي

**هلي آ، شام ٿي وئي آ.**
**شفق جي روشني پنهنجا،**
**اُفق تان وار ويڙهي ٿي.**
**سمورا رنگ سونهري،**
**انڌيرن ۾ ڪِنڌيڙي ٿي.**
**بنهه ٿوري گهَڙي پئي آ،**
**هلي آ شام ٿي وئي آ.**

**اکين ڪي چڪ آ تنهنجي،**
**سموري سڪ آ تنهنجي،**
**اچي ٿو واءُ جو جُهلڪو،**
**ڪٽي خوشبو سندءِ مونڏي،**
**مٿر هن مُند جا منظر،**





**فقط توکي ئي سارن ٿا،**
**اوهان جي سونهن سان تن**
**۾،**
**اچا اُتساهه کو پوندو،**
**اسان ۾ ساهه پو پوندو،**
**ائين تو ريءَ ۾ عمر**
**منهنجي،**
**گهٽي برباد ٿي پئي آ،**
**گهڙيءَ ۾ سج، لهي ويندو،**
**هلي آ، شام ٿي وئي آ.**

---

# غزل





❊

ٻيو نہ سهي پر پيرن تائين پهچڻ ڏي،
يار ڪُڙين جي خاڪ اکين ۾ پئجڻ ڏي.

وقت وڏي ڪان پوءِ مليو مس مس آهين،
رات رهي نيڻن مان سُرڪيون پيئڻ ڏي.

پاڻ امرتا ماڻينداسين مُحبن ڪان،
هن جي هٿاران سَنڌ سنڌ وڍجڻ ڪپجڻ ڏي.

ڪنهن جي ڪاڻ ڪيڻ ڪان اڳ ئي مار خدا!
باقي وقت بہ يا تہ همت سان جيئڻ ڏي.

محبوبن جي آئي سُور اُڏامي ويا،
اڄ تہ اسان کي 'پريل' ٽهڪڻ مُرڪڻ ڏي.

❊

يارَ سان رابطو ٿئي ئي نہ ٿو،
پاڻ تي ضابطو ٿئي ئي نہ ٿو.

ڪو ٺُٽيءَ ڪي نہ ٿو لڳي ٽاڪو،
جو وري واسطو ٿئي ئي نہ ٿو.

مان لنگهي دِر وڃان بہ دشمن
جي،
جيءُ پر بي پِتو ٿئي ئي نہ ٿو.

پير پليا نہ جيءُ ٿو جهلجي،
پيار ۾ فيصلو ٿئي ئي نہ ٿو.

آدمي دربدر رهيو آهي،
حال هن جو ڏِنو ٿئي ئي نہ ٿو.





❊

تنهنجي اکڙين جي آشياني ۾،
ٿو رهان مان نئين زماني ۾.

مئہ جي ساگر جي پاڻ لهرن ۾،
ان ڪان وڌ ڇاهِ ٻئي مئخاني ۾.

پاڻ پيالا ڀري ڀري ٽا پِيُون،
سو مزو ڪٿ ڪنهين پيماني ۾.

ڪنهن بہ دولت دنيا ڪي ڇو
ڀانيان،
لَعل موتي سندي خزاني ۾.

موت ڪان پو بہ ’پريل‘ جئنداسين،
گيت پنهنجي غزل ۽ گاني ۾.

+

❊

ڇا ڳالهائي ڇا ڳالهايون،
آخر پنهنجا پاڻ ۾ آهيون.

آءُ قلم جي نِب جي سگهه سان،
قوم سندي تقدير مَٽايون.

پڪ سان ڪجهه ڪري
مرنداسين،
بيجا مفت ۾ مرڻا ناهيون.

ساڙ، حسد، نفرت ڪان پاسي،
پيار ڪي پاڻ ڳلي تا لايون.

وڙهبو ويريءَ ساڻ هميشه،
اندر منجهه ٻرن ٽيون باهيون.

پڪي جتي ڪو پِرُ نه هٽي تو،





پاڻ اتي تا دوڙ ڊُڪايون.

بوتا بُت بغاوت پچندي،
آزاديءَ جو واءُ ورايون.

سوين خاطر سر ڏينداسين،
’پريل‘! جهڙا تهڙا ناهيون.

+

❊

پرينءَ جو اسان ڏي ڪٽي اک ڏسڻ،
اَدا ان سان پنهنجو پلڪ ۾ ڪُسڻ.

خوشي آ خوشي پر آ غم يي لذيذ،
وٽي تو پيو واهه پرچڻ رُسڻ.

اوهان جي اچڻ سان پوي ساهه تو،

ڏِسين ڪاش هان تون هجر ۾ لُڇڻ.

سدا مسڪرايو، زماني ڏٺو،
مگر ڪنهن ڏٺو درد پنهنجا سهڻ!؟

وري ڪنهن نه آهي ’پريل‘ کي
سنڀاريو،
وري اک جو آلو ٿيڻ ۾ رُئڻ.

+





❊

تون وڃين ٿو پرين، مان مرِي نه وڃان،
دَردَ آڙاهه ۾، ڪِٿِ ٻَرِي نه وڃان.

تون جي سِڪ مان سڏين پارِ درياهه جي،
ڪير چئي ٿو ته لهرون ترِي نه وڃان.

سگهه ڏي اي خدا! يار سان گڏ هُجان،
ڏيهه جي ڏاڍِ ڪان، مان ڏرِي نه وڃان.

مون کي زنده رکڻ جي نٿو تون گهرين!
باهه ايڏي ته ڏي جو ٽرِي نه وڃان.

پنهنجي محبت ۾ رک، پنهنجي صحبت
۾ رک،
ڏار چو ٿو ڪرين ايئن ڪرِي نه وڃان.

+

❊

تتل ڪُوري منجهان پَچي
نڪتُس،
دوستو! واهه جو بَچي نڪتُس.

آءٌ اونده جا چاڪ چيريندي،
روشنين ۾ هلي اچي نڪتس.

”زندگي لاءِ موت کي ماريو!“
مان انهيءَ رنگ ۾ رچي نڪتس.

ديسَ دشمن جو ڪنڌ ڪپي
ڇڏيو،
ماءُ جي ٽِج پي مچي نڪتس.

حُسن جي مان ڪندي ’پريل‘!
پُوڄا،





سونهن تي سر ڏيڻ سچي
نڪتس.

+

❊

جڏهن ڪان پرين تو ملڻ بند ڪِيو آ،
اسان مسڪرائڻ کلڻ بند ڪِيو آ.

ڪنهين جو نہ لڙڪن جي معنيٰ کي
سمجهو،
تہ بيحس بزم ۾ وڃڻ بند ڪِيو آ.

زماني ۾ ڪاٿي وري روح روليون،
اَجايو گهمڻ ۽ ڦرڻ بند ڪِيو آ.

اوهان جي اچڻ سان ٿيندي شاعري
هئي،
غزلُ گيتُ گانو لکڻ بند ڪِيو آ.

صَدائُن تي سختيءَ سان دَرَ بند ٿيا
جيئن،
تڏهن پيار ’پريل‘ گهرڻ بند ڪِيو آ.

+

❊

چاهہ هوندي بہ جي چِڙي ٿا پون،
پوبہ جڻ گل جيان ٽِڙي ٿا پون.

تن سان تِئن پيار ٿو وجي وڌندو،
ٿورڙي ڳالهہ تان وڙهي ٿا پون.

سونهن سنگيت جو ڪو ڳانڍاپو،
ٿهڪ سان ساز جو چِڙي ٿا پون.





يارَ آڏو ڪُڇڻ بہ مشڪل آ،
لفظ اٽڪي اندر نِڙي ٿا پون.

پيار پنهنجو امر بڻاءِ ’پريل‘!
مَتَ گهُرا چوطرف مِڙي ٿا پون.

+

❊

**درد شدت ساڻ ڪَرَ موڙي اُٿي ٿو،**
**دل جي چڻ محلات کي ٽوڙي اُٿي ٿو.**

**قوم جو شاعر تہ خوابن جي دنيا مان،**
**سُندر سُهڻا خيال ئي جوڙي اُٿي ٿو.**

**جنهن مان ناهي چانوَ اُسَ کا ديس کي**
**جي،**
**آ ردي بلڪل سمهي توڙي اُٿي ٿو.**

**آس تڙپي ٿي، لَنوڻ ريءَ ڪانءُ جڏهين،**
**پير ٿاريءَ تي رکي ڪوڙي اُٿي ٿو.**

**ويڙهہ ٿاري جيڪو پنهنجي ڪُڙم جي**
**ٿو،**
**مُڙس آ سو جو دليون جوڙي اُٿي ٿَو.**

**ڪنهن قبيلي ذات جو لاڙو ڪُڏو ئي،**





**قوم جو ٻيڙو هتي ٻوڙي اُٿي ٿو.**

**جنهن چڳائي آ ’پريل‘ جڳَ سان ڪئي**
**هِت،**
**لوڪَ ۾ انسان سو لوڙي اُٿي ٿو.**

+

*

پِيَڻَ سان ملي ٿو مقامِ محبت،
پري ڏي پري ڏي تون جامِ محبت.

ڪيون اهڙي ڪردار کي ئي ختم اڄ،
سڙي ٿو ٻُڌِي جو بہ نامِ محبت.

اکين سان اکيون اورَ اوري اڙيُون هُون،
نہ وسري ٿي سا پِهرين شامِ محبت.

عجيبن اڳيان عاجزي سان 'پريل' جو،
پوي صاب جيڪر سلامِ محبت.





*

ذهن ۾ زلزلا ڪٽي آئي!
سار ڪئين سلسلا ڪٽي آئي.

جن ۾ ساندي رکيون هُون سڀ
ڳالهيون،
مَٿَ پَريا پرجِهلا ڪٽي آئي.

گڏ گهُميا ها جي شهر ماڳ مڪان،
ڳوٺ ڳليون ڳِلا ڪٽي آئي.

ياد هُن شخص جي وري اڄ پيي،
جُهد جا ولِولا ڪٽي آئي.

بس رڳو ملڻ ئي ناممڪن ٿيو،
هونئن تہ سڀ حوصلا ڪٽي آئي.

سال ڪان پوءِ هِي سنڀالَ 'پريل'!
پاڻ لئہ ڪربلا ڪٽي آئي!

❊

گذري آ ڪجهه گذري ويندي،
هيءَ حياتي اُڏري ويندي.

تار تري هي پارِ پُڄڻ لئه،
پنهنجي ٻيڙي اُڪري ويندي.

مُئي ڪانپوءِ محبت پنهنجي،
چا دنيا کان وسري ويندي!

جڳ کان پيار لڪايو ’پريل‘،
نيت هي ڳالهه ته نکري ويندي.

+





❊

اجا آئين نه جانان!
بدلجي ويا زمانا.

نه ڪُتندا يار تنهنجا،
بهاني تي بهانا.

نگاهن جي وَتا ها،
نٿا وسرن نشانا.

ڪَراين ۾ ڪلابا،
ڳچيءَ ۾ سونَ ڳانا.

اوهان ري ڪيسين
سهبا،
هي تنڪا ۽ هي طعنا.

'پريل' ارپيا اوهان کي،
غزل ۽ گيت گانا.

❊

روشنيءَ جي تلاش روليو آ،
آجپي لاءِ پاڻُ ڳوليو آ.

نيٺ ٽاڪيل چپن جي تند ٽُٽي،
ڏاڍ آڏو جو وات کوليو آ.

خوب ڀٽڪي برهه ۾ ڀوڳيو سين،
پر ڪڏهن ڪين ڦورو ڦوليو آ.

درد محسوس مارئي جو ڪري،
ڪوبه ڊاٿي نه ڪوبه ڊوليو آ.

پانهنجي عمر سَرءُ ۾ گذري،
پاڻ سانوڻ سدائين ڳوليو آ.

لڙڪ ٻَٽڙي ڪِري پيا آهن،
زندگي ڪجهه ته هاڻ ٻوليو آ.





❊

پڪ آ هُن پار تائين پهچبو،
نيٺ پنهنجي يار تائين پهچبو.

ڪوڪو سالڪ سمجهي جئن ويراڳ
ڪي،
ها، اُنهي سُر تار تائين پهچبو.

خيال جي خوشبو پکيڙي ديس ۾،
پو سڄي سنسار تائين پهچبو.

پاڻ جيتي، پاڻ کي هارائجي،
عشق جي وهنوار تائين پهچبو.

يارا! هي ديوانگي ويندي وٺي،
ڏيهه جي ڏاتار تائين پهچبو.

❊

تنهنجي پيرن ۾ ڪِتڪِتائي
ڪئي!
جڻ تو ڪوڙي هُئي پَڪائي
ڪئي.

ڪنڌ پنهنجو رکيئي ڪلهي
مُنهنجي،
پيار ڏئي نيٺ تو سچائي ڪئي.

ڏيهه وارن کي پتو پئجي ويو،
ڪنهن اها قرب ۾ ڪچائي
ڪئي.

سنڌ تنهنجا پئي تي ڳڻ ڳائي
هر ڀلائي جو تو پتائي ڪئي.

لوڪ پاڙون پٽڻ تي 'پريل' هو،
پاڻ جي يار پر سَٽائي ڪئي.





❊

اوهان يارا! جيئري ئي ماري ڇڏيو،
اسان جي قِٽي تو وساري ڇڏيو.

گهڙي هُئي نه سرندي سوا هڪ ٻئي
جي،
ڀلا ڪنهن جي تو ايئن سهاري ڇڏيو.

جڏهن ٻيي جُدائيءَ جي ڪئي مون
شڪايت،
ٻُڌائي مٺا ٻول تاري ڇڏيو.

ڀلي ڪير نفرت ۽ ڪو بغض پالي،
اسان پنهنجو اندر اُجاري ڇڏيو.

'پريل' کي ڪيو قيد پڃري ۾ چو تا؟
پکيءَ کي پَرينءَ پَرِ اُڏاري ڇڏيو.

وقت جو وهڪرو، تيز درياهہ آ،
هر لهر ۾ ڪا پيڙا، ڪو پڙلاءُ آ.

"جُستجو، جُستجو، جُستجو، جُستجو"،
هر گهڙي هر پهر جو هي ورجاءُ آ.

حال ۾ جو ٿئي، آئيندي تي نہ ڇڏ،
هر ولي، پير، ڏاهي ڏنو نياءُ آ.

روز پنهنجن هٿان پنهنجا ڪُونڌر ڪُسن،
پنهنجي ڌرتيءَ تي ايڏو ڇو اَنياءُ آ.

ياد دنيا ڪري ڪجهہ ڪري وَڃُ 'پريل'!
توکي ڏاتر ڏني ذات ۾ ڏاءُ آ.





جي تنهنجي بي رُخي رهندي،
تہ پو هي دل ٽُٽي پوندي.

بنا تنهنجي جيئڻ ڪهڙو،
حياتي ايئن کُٽي پوندي.

ها سمجهان ٿو، خفا آن جي،
تہ چونڊينءَ جِند ڇُٽي پوندي.

ڪَهي ايندينءَ تہ ٻيهر ڇڻ،
حياتي هيءَ ڦُٽي پوندي.

※

درد اندر جو ڪاٽُ ڪپي ٿو،
تن ۾ چڻ تندور تپي ٿو.

هڪ گهڙيءَ ۾ هِرڪي پِياسين،
ساجنَ سڪ سياءُ جهپي ٿو.

توڪل ساڻ تري ٿو جيڪو،
دريا ڇا سَمونڊ تپي ٿو.

پرچو ڪهڙي ڪم جو 'پريل'!
ڪچا ڦِڪا جو خيال ڇپي ٿو.





※

مخالف اجايو هُلائن تا خبرون،
وڙهائڻ لئہ پنهنجون، پرين ڪن تا پچرون.

بچي ٿي سگهيو ڪو اچانڪ اُچٽ ڪان،
ڪٽي ناز مان هن ڪپايون جو نظرون.

نجو ڪوڙ آهي پري ڪان ٿي پڌرو،
اجايو ڏجن ڇو پلا زير زبرون.

جنين ڪي سيڪاريو هلڻ ۽ چلڻ هو،
"چريو آ چريو آ" چئي ڪن تا چٽرون.

اوهان جي نگاهن ۾ ڦاٿا پيا هُون،
حجابن ڪي ٽوڙيو مِنا! ڪاڏي نڪرون.

'پريل' ڪي اڪيلو اوهان جو ڇڏيو آ،
وڇوڙن ۾ پيارا پيا پاڻ پَچرون.

❊

هڪ ئي ڀاڪر سان دل ٽري پيئي،
درد جي ڪيفيت مري پيئي.

جڻ ته ٿاندن تي ڪو پيو پاڻي،
جو ڏُکي باھ، ٿي ڍري پيئي.

گُل ٽڙيا چانوَ ڪئي اڇي ڪڪرن،
وصل جي واءُ ڏس وري پيئي.

ھوءَ اچڻي ھئي، ڇو نه آئي آ،
ڇا ڀلا ڏيھ ڪان ڏري پيئي؟

رنج ھي لوڪ ڇو ٿيو آھي،
ٻيڙي مسڪين جي تري پيئي.

يار تنھنجي اچڻ سان ساھ پيو،





ھئي رُٺل آس پر وري پيئي.

ايئن پگھري ’پريل‘ آ دل منھنجي،
جون ۾ برف جڻ ڳري پيئي.

+

❊

جيئرا رھندا ۽ ڪي مرندا،
تارِ منجھاران سڀ ته نه ترندا.

اندر ئي اندر ۾ منافق،
پنھنجو پاڻ ئي ويندا ڳرندا.

لھڻو آھ لَڙاٽ اسان تان،
نيت ته ڪارا ڪڪر ٻه ٽرندا.

اونداھيءَ ڪي اورانگھڻ لئہ،
ٻيو نہ تہ پنھنجا تارا ٻَرندا.

ڏوس ڏمر جي ڇانوَ ۾ پلجن،
نيٺ تہ وانگين وارا ورندا.

جيئڻ کھڙو جڳ ۾ تن جو،
ڏاڍ ڪان جيڪي ڏڪندا ڏرندا.

پنڌ ’پريل‘ رک پنھنجو جاري،
پاڻ ڪي پُڄندا ڪين پَرندا.

+





❊

تنھنجي در تي ڏرٽو ھٽبو،
مُور نہ تنھنجو پاسو ڇڏبو.

عشق اندر ھي عمل انوکو،
دنيا ڪي سمجھائي وڃبو.

ٻئي جي آڏو ٻڙڪ ڪڍون ڇو؟
تنھنجي آڏو رُئبو رڙبو.

جڳ سان لڳ لاڳاپا ٽوڙيا،
تو سان جيبو توسان مربو.

اونداھيءَ ۾ جوت جي خاطر،
’پريل‘ پاڻ ڏياٽي ٻٽبو.

+

❊

ساقي ڏي جام مون کي، اڄ کو ڀَري ڀَري،
جيڪو پِيا جون يادون تازيون پيو ڪري.

اولاڻ عشق جا هي، اندر منجهان اُٿن،
ڏس هٿ رکي ته ڪيئن ٿو سارو جسم ٻَري.

پاڻيءَ تي بند ٻڌڻ لئه سنبت پيو ڪري،
يزيد دور هن ۾ ٻيي ڪين ٿو ٽَري.

ڇا لاءِ ٻونءِ سورن ۾ ٿي سڙي سدا،
ڇو ڏيان ڪين ٿو ڪو ڏرتيءَ طرف ڏَري.

تنهنجو ’پريل‘ ته تنهنجي سڪ ۾ سدا جِئي،





اڄ پيير من اڱڻ تي هڪ وار تون ڀَري.

+

❊

هيل به رُت بسنتي آئي،
مَنَ آڳر تي گُل نه ڦُٽا هِن.

ايڏي آهه اٽاٽ خوشين جي،
ڪڏهن نه دل جا درد ڪُٽا هِن.

تنهنجي مُرڪ جي مرهم جي رِيءَ،
چاهت جا ڦَٽ ئي نه ڇُٽا هن.

تبديليءَ جي سوچ جا مندا،
ڪوڙ ڇِنا ۽ ڪوڙ ٽٽا هن.

سچ ڪي هن سماج ۾ ’پريل‘!
ڏانئڻ ڏيندا روز گهُٽا هِن.

❊

لوڪ چوي ٿو تان مان ڇاهيان؟
جڳ جو عڪس آئينو آهيان.

آهيان جي تہ گهڻو ڪجهہ آهيان،
ناهيان جي تان ڪجهہ ڀي
ناهيان.

جيڪي بُوتا بڻجي بيٺا،
تن ڪي چرپر ۾ ٿو ڇاهيان.

ڪي ٿا ڳاڙن ڳوڙها ويٺا،
ڪن ڪي ٿو مان رقص ڪرايان.

سرجڻ جي سگهہ خوب رکان ٿو،
ٺاهيان ڊاهيان، ڊاهيان ٺاهيان.

اُڀ ۽ ڌرتي مونسان ٻولن،
هر شيءِ سان ٿو مان ڳالهايان.



ٽُٽي جو تَند تنبوري جِي

هيٺ ٿو اُسهان مٿي وڃان ٿو،
شاعر آهيان شعر ٿو ٺاهيان.

+

❊

نيڻن ۾ محبوب وِهاري،
ٻئي پاسي ڇو نار نهاري.

سڄڻن جي سڪ سونهن سمائي،
پاڻ ڇڏيوسين اندر اُجاري.

تُرهي رِيءَ ٻہ اَٽتارن کي،
تانگھہَ پِيا جي پارِ اُڪاري.

خيال گَتيي جا پاڳل پالي،
ڌرتيءَ کان ٿو دُورِ گُذاري.

جيئڻ جو اُتساهہ ڏي شاعر!
ڇو ڪنهن کي ڪو ڪنهن کي
ماري.





❊

ڪارونجهر جي ڪور تي ويهي سوچان ٿو،
ڌرتيءَ جي هر دور تي ويهي سوچان ٿو.

پوڏيسر جي پُونءِ جا پاڳيا جاڳَ اُٿي،
ڏاريي، ڦورُو، چور تي ويهي سوچان ٿو.

ڪنهن جي ماءُ مري جو ٻِڙڪ ڪڍي ٻاهر،
واڳَ ڏٽين جي زور تي ويهي سوچان ٿو.

ڪيئن ڪُهي ۽ ڪيريندي ٿي راڄ وڃي،
هن جي وِڪ وِڪ ٿور تي ويهي سوچان ٿو.

سونهن جا ماري نسل جي پويان پئجي ويا،
سنڌ جي سُهڻي مور تي ويهي سوچان ٿو.

وچڙڻ کان پو سار الاءِ لهن نہ لهن،
پنهنجي ’پريل‘ گور تي ويهي سوچان ٿو.

❊

پرين جو دادلا ٿيندا،
يقينن فاصلا ٿيندا.

مخالف ڇا بہ سوچن پَل،
نہ پوئتي قافلا ٿيندا.

تنين کي ڪيئن چڱو چئجي،
ڏِرا ۽ جي ڏِلا ٿيندا.

سَهي سختيون سچائي تي،
هي پختا حوصلا ٿيندا.

خبر پئي يار وڇڙڻ جي،
ذهن ۾ زلزلا ٿيندا.

پڪا پُختا هُون ڌرتيءَ سان،
اسان جا جَرِ ڪِلا ٿيندا.





❊

تون ڇڏي وئين جتي، مان اُتي هان ڪڙو،
هيڏي هوڏي ٽِڙان، ايئن نہ مان بي وڙو.

رهڻو آ جاءِ هِڪَ، پيچڪڙي ڪيئن ڪريان؟
جڻ تہ ڇاڙهي وئين، چؤطرف ڪو ڪَڙو.

جيءُ جيئن خوش ٿئي، ڪر سو جاڳر اچي،
مان تو سمجهان لهي پوءِ ويندو لڙهو.

بوڙيندي بس ڪئي، بين بند تي وئي،
پونءِ تي چنگ چُپ، نا وڄي ٿو چڙوا.

سونهن سنسان ٿي، نہ سي ناريون مِڙيون،
ڪوهہ تي اڄ نہ ڪا، پرڻ آئي گهڙو.

مُنهنجا مولا هي سنڌ، شاد آباد رک،
ڪين ڪڏهين ڪِري، ديس تي ڪو ڳڙو.

**ڪالهہ بي ڏوهہ ماريا، وِيا مارُو هتي،**
**ماٺ ڪيڏو لڳي اڄ مُنهين جو دڙو.**

**ديس جي دُک ڪرائي، ٻڌي قوم کي،**
**تون متان ’پريل‘ کي، چانڊ سمجهين چڙو.**

❊

**تنهنجي اک ڪجل هاڻِي،**
**اک آهي يا ڪانياڻي!**

**جو بہ چٽيو تو ڦٽڪي پيو،**
**دانهن ڪندي ”پاڻي پاڻي“.**

**پُختو جڳ ۾ پيار رهي،**
**ٽِٽي نہ سِڪ ڪڏهن ساڻي.**

**پنهنجي دل سان تُنهنجي دل**
**مون تہ پريتم آ واڻي.**

**انگ انگ اُجرو کير جيان،**





**هُوءَ مکڻ جي آ چاڻي.**

**مري وڃڻ ڪان پو پنهنجي،**
**عشق جي رهندي آکاڻي.**

**’پريل‘ کي تڙپائڻ جي لئہ،**
**ڏور نہ رهہ ڄاڻي واڻي.**

+

❊

جام تي جام جو دور هلندو رهي
ساٿ ۾ سو وِهي جيڪو پيئندو رهي.

ٽا نچن رند دل جون تندون ٽيون ٻُرَن
ساز وڄندو رهي ميڙ مچندو رهي

پاڻ پنهنجي لا جيئڻ تو سڀ ڪي اچي
سو هٽي هام جو ٻين لئه جيئندو رهي.

زندگيءَ جو ورد ڪوڙ ماٺهو ڪرن
موت سان ڪو وِڙهي اڳتي وڌندو رهي.

جستجو سان ملي نيٺ منزل 'پريل'!
تو اگر واٽ تي پير ڪڄندو رهي.

+





❊

وڃڻ وقت جو تو ڪِلي موڪلايو.
اسان ڪنڌ پنهنجو تنهين پل ڪٽايو.

بنا ڪنهن سبب بي رُخي يار ڇا جي
اگر ڳالهه آهي ته ڪولي ٻڌايو.

نه ڪا قوم ذرتي جي جنهن وٽ عڪاسي
ادب ۾ سو شاعر ڳٽڻ ئي اَجايو.

سمائي ڇڏي تنهنجي رڳ رڳ ۾ محبت
پُلايو ته هاٺي سدائين پلايو.

وَتو ڪنهن جي اُتساهه سرجيل سِٽن مان
'پريل' جو ويو ٿي پو پورهيو سَجايو.

+

❊

جڏهن ڪان پرين تو ملڻ بند ڪيو آ
اسان مُسڪرائڻ ڪلڻ بند ڪيو آ.

ڪنهين جي نہ لُڙڪن جي معنيٰ ڪي
سمجهيو
تہ بي حس بزم ۾ وڃڻ بند ڪيو آ.

زماني ۾ ڪاتي لڳي روح پنهنجو،
اجايو گهمڻ ۽ ڦرڻ بند ڪيو آ.

اوهان جي اچڻ سان ٿيندي شاعري هئي
غزل، گيت، گانو لکڻ بند ڪيو آ.

صدائن تي سختيءَ جا در بند ٿيا جئن
تڏهن پيار ’پريل‘ گهرڻ بند ڪيو آ.





❊

مون ڪي سندءِ مجاز ٿو گهُرجي،
اَلستي آواز ٿو گهُرجي.

جنهن جي تند تي سِر گهوري ڏين
اصلوڪو سو ساز ٿو گهُرجي.

پيٽ ڏٺي تنهنجي ذات تو وٽ، پر
مونکي تنهنجو مزاج ٿو گهُرجي

”الانسان سِري وَانا سِره“
اهوئي بس راز ٿو گهُرجي

پل ۾ جيڪو پار پُڄائي،
برهَ جو ’پريل‘ باز ٿو گهُرجي.

+

❊

يادگيريون بہ آٿتون آهن
تو بنا روحَ راحتون آهن

جي سوا ملڻ جي رهن زنده
يار سي ئي تہ چاهتون آهن

هُن کي سجدا ڪري تصور ۾
مان ٿو سمجهان عبادتون آهن

بي خطا هُون سزا بہ اکين تي
پر جي ٻُڌندين وضاحتون آهن

پنهنجي پيارن سان ’پريل‘ جاليون جي
سي ئي تاريخي ساعتون آهن.





❊

ايڏو بدلجي وِيو جو سڀ ڪجهہ ڀُلي ويو.
چڻ واءُ جو هو جهُوٽو، آيو گهُلي ويو

مَت منهنجي ڪي لڳل هو، چڻ پاس ورد هن جو
آڏو جو آئيو تان، ازخود ڪلي ويو.

ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن کي، ڪائي نہ پئي لڪا
پر راز پنهنجو تر ۾، آخر کُلي ويو

جيئن واٽ ويندي ڪوئي، ڦُرجي وڃي صفا
تيئن پيار پنهنجو ’پريل‘ اڌ ۾ رلي ويو.

+

❊

مينھوڳيءَ جي مُند ۾ آيو،
ساجن ڪيڏو ساٿُ نڀايو.

ھن جي سونھن جي آڏو سڄ پڇ،
باغن مان گلڙن شرمايو.

اوسيئڙيءَ جي آس پُڄاڻان،
انگ انگ اڪڙين چين پرايو.

ھُن جي آمد تي دل جھومي،
گيت گڏي ڪوئل سان ڳايو.

پاڻ 'پريل' جي اڱڻ تي پھتو،
جنھن لئہ پٽڪيو دَرِ دَرِ دايو.





❊

اڪين منجھہ اوتُون ۽ جوتُون غضب جُون،
بِنا سُرڪ جي پيي خماريو وتي ٿو.

اتي چا پُڄي چاندني، روشني ڪا،
سندي سونھن جا سج، اُپاريو وتي ٿو.

سُپيريان سندو تاب، ڪو ڪو جھلي بس،
گھٽن جا ڏٺي ڏِيل ڏاريو وتي ٿو.

سُجھي ڪين ٿو مَٽُ، لڪن ۾ سندس ڪو،
سڄو تَر ۽ پَر ھي اُجاريو وتي ٿو.

شڪاري نہ آ پر دونالي نظر سين،
جتان ٿي گذر ڪوڙ ماريو وتي ٿو.

وڃي ٿو ٿِي ماحول سارو ئي مُعطر،
فضا ۾ عنبر مشڪ ھِاريو وتي ٿو.

’پريل‘ تي پرين جي خصوصي نوازش،
اسان کي تہ اُپَ تي اُڏاريو وتي ٿو.

❊

انتها کان عشق جي ڪئي ابتدا،
وئي پُڄي هِڪ پلڪ ۾ پنهنجي صدا.

”اناالحق“ جي اسم سان آلاپ تي،
پاڻ وَٽِ پهتا اُڏي شاهہ و گدا.

پاڻ کي ٿي ڪرب پيڙا مان نجات،
سُخنور محبوب جي اهڙي ادا.

ٻي ڪا ٻولي ناهِ من جي موج ۾،
ڪن ٿيون تن جون تارون ”تون هي تون“ سدا.

+





❊

نجُ امرتا ۾ ٻُڏل مرندو نہ آ،
لعل پاڻيءَ ۾ لڪل ترندو نہ آ.

ماڳ ماڻڻ لئہ ٻلي دوڪا مِلَن،
واٽ تان پانڌي ڪڏهن ورندو نہ آ.

جو بہ آيو عشق جي آهي اري،
ڪير چئي ٿو درد سو چرندو نہ آ.

ڪيئن پاڻيءَ تي هلي ڳاڏي پئي،
آب سان ڏيئو ڪڏهن ٻرندو نہ آ.

هڪ خدا جو ’پريل‘ کي ڊپ ڊاءُ آ،
ڏيهہ ڏاڍن کان صَفا ڏرندو نہ آ.

دل فريبيءَ ساڻ ’دايي‘ کي لُٽيئي،
پر مٿا دوکو يکو ڦَرندو نہ آ.

❊

قَلب کي اَڄُ قرار ٿيو آهي،
خود مهربان يار ٿيو آهي.

مرحبا ڪئي گُلن وٽن مان لڏي،
مَنُ هي باغ و بهار ٿيو آهي.

دِل ڇَري ڪوڙ زخم ڪاڏا هِن،
هي ڪو پهريون نہ وار ٿيو آهي.

چنڊ سان چاهہ لاءِ ٿو اُڏرين،
هو ستارن ڏي تيار ٿيو آهي.

ڪيئن گدرا لتاڙي ٻارن جا،
ڏاڍِ گهوڙي سوار ٿيو آهي.

سُڄ آهي مگر سَناٽي مان،
سون جو ڪوتہ ڳار ٿيو آهي.

اُپُ روئي پيو انڌير پَسي،
مينهُن بيجا خوار ٿيو آهي.

تون تہ گُل آهين تنهنجي تحفظ لئہ،
هي بندو پاڻ خار ٿيو آهي.





پيگ هڪڙي سان ’پريل دايي‘ ڪي،
اڄ تہ ڏاڍو خُمار ٿيو آهي!

+

❊

درد دل ۾ دٻائجي ڪھڙو؟
يار کان ڳُجھ لڪائجي
ڪھڙو؟

چؤطرف ڄارُ آھي ڪندن جو،
ھٿ گلن ڏي وڌائجي ڪھڙو؟

جو پڪي پيار مان لھي پِڙ تي،
ٿاھُ ڏيئي اُڏائجي ڪھڙو؟

جو ڪري قول ٿو وڃي
مُڪري،
پو پلو تنھن کي پائجي
ڪھڙو؟

نہ جنھن ۾ سُرُ، سواد انگڙائي،
گيت اھڙو سو ڳائجي ڪھڙو؟





مان تہ سادو سڌو ۽ مولائي،
پاڻ ’پريل‘ پَڌائجي ڪھڙو؟

❊

وک وک تي واسينگن جا ور ويڙھي ۾،
جھانگيئڙن جا ڳوٺ سَڄا ئي جھيڙي ۾!

ڪُونڌ ڪُسي وِيا قوم جو مُقدر ڪين
مَٽِيو،
ڪانہ سا جرئت اڄ جي ليڊر ليڙي ۾.

نفرت جي ٻوٽن کي پاڙؤن پاڻ پٽي،
آ تہ ورھايون محبت مُرڪون ميڙي ۾.

محبوبن جي مدح لکڻ لئہ سمنڊ ڪپي،
قلم ڪندو ڇا مَسُ جي ٽيپي ٽيڙي ۾.

ھُن جي ڳاڙھي ڳَل مان جو ميٺاج مليو،
سونہ گھوٽڪي يا ميھڙ جي پيڙي ۾.

سِرُ گھورڻ جي سوچ رکي سو ساڻ ھلي،

ٻيو نہ چَڙھي کو ’پريل‘ پنھنجي ٻيڙي
۾.

❊

ڪيس چِيري صفا ڇَٻاڙي ڇڏيان،
دل جو گلشن سڄو اُجاڙي ڇڏيان.

ھُن نہ سمجھو صَبُر اسان جي
ڪي،
ھوند ھستي سندس لتاڙي ڇڏيان.

ڪوڙ ٻِيائي جتي پناھ وٺن،
ڇو نہ سو آستان ساڙي ڇڏيان.

ھاڻ برداشت کان چڙھي ويو ڪم،
ھِن تي لکيل سٽون بہ ڦاڙي
ڇڏيان.

جاتي جاتي وٺن ٽنين تي ٽنگيل،
اِھي تصويرون ئي بِگاڙي ڇڏيان.





تون چوين ٿو اجا بہ ”خاموشي“،
لُڙڪ لِڪَ ۾ پيلا ڇو لاڙي ڇڏيان.

❊

ھان وَٽُ ڏُڌ جو ڍُڪ نہ پيءُ،
پيءُ اسان سان گڏجي جيءُ

جام صُراحي ڪي ٽڪرائي،
ڪر تون ڪير مڪڻ ڪي جيءُ

سنڌ جي سونھَن رنگن ۾
رھندي،
پاڻ بہ منڙو ماڪي ٿيءُ

تنھنجو ’پريل‘ تنھنجي آئي،
ھٿ ٻڌيون آ بيٺو ھِيءُ

+

❊

تن ۽ من جي تار ٻُري ٿي،
سڪ اندر ۾ سُري پُري ٿي.

ساڙ نہ ساڙي، موت نہ ماري،
چاهت جڳ ۾ چُري پُري ٿي.

”اج تہ مٺي ڏي مُرڪي مون کي“،
دل هي توکان دانُ گهري ٿي.

پرت پلي پَر ڏکي جدائي،
سُک ڪسي ٿي چين ڦري ٿي.

تنهن کي ’پريل‘ ڪيئن وساريان،
هَرهَر هنئڙي منجهہ هُري ٿي.

+





❊

ڪنڌ پُٽ تي ڪٽي نهارين هان،
ٻِي نظر سان وري جيارين هان.

هو پڪي پيار مان لٽو تو وٽ،
ٿاهه تنهن کي نہ ڏئي اُڏارين هان.

ڇا ٿيئہ هان جي اک جي ساگر مان،
ڪا سِپِي سُرڪ جي پيارين هان.

مان مڃان ها ڪَوي تڏهن توکي،
ڏات سان سچ جڏهن اُپارين ها.

ڪيئن ڪاراٽيو سماج سڄو،
تون تہ اونده ’پريل‘ اجارين ها.

+

❊

هو چون ٽا تہ ڪو چريو آهيان،
مان تہ اونداهہ ۾ ٻريو آهيان.

پنڌ پنهنجي ۾ پاڻُ گرم رکيو،
ڪانہ ساهي پٽي ٿريو آهيان.

سوچ بدلي نہ وات بدلائي،
ڪيئن چئين ٿو تہ "مان ڪريو آهيان!"

ڪوڙ خطرا ۽ خوف جهاڳيا هن،
پر نہ ڪنهن کان ڪڏهن ڏريو آهيان.

ورد ساڳيو ئي اهو "جيئي سنڌ"،
سُرت ساڃهہ جو مَٽُ پريو آهيان.

ڪي يَڳا ڪي ٻُڏي مري بہ ويا،
مان تہ سيٽاهہ ري تريو آهيان.





سال ٽيا ڪئين سُجاڻ پنهنجي ڪي،
پوبہ ساڳيو اُهو "پريو" آهيان.

+

❊

"ٽڪي جا ماڻهو ٽڪي
وِڪاڻا"،
رهيا پٻن تي سَپُوت سياڻا.

مِليو نہ جن کي سڏو ڪو
رستو،
اسان کي ڏين ٽا مٽيون اياڻا.

ٻرن ٽا ٻرندا اونداهہ جيسين،
اجا نہ پنهنجا ڏِيا اجهاڻا.

نااهل مالُهي نہ مُور ڄاتو،
تہ باغ جا ڪِئَن گُل ڪُوماڻا.

اُميد آهي سنپار لهندا،
ضرور ايندا اديون اَباڻا.

پَتو ڇا پوندو ’پريل‘ تڏهن
ڪو،
رُنا ڪي مون لئہ مُئي پڇاڻا.

+

پهرين سٽ جديد سنڌي شاعريءَ مان متاثر ٿي ڪنيل





❊

هي عيد موٽي آئي، مُرڪون اچا نہ موٽيون،
پُر ٽيندا هاسين پِي پِي، سُرڪون اچا نہ موٽيون.

وڪريل ٽا وار پَسجن، ڇهري تي چَمڪ ناهي،
ٿڪن ٽڙن جو ماٺو، خوشيون اچا نہ موٽيون.

اکڙين نہ پاتو سُرمو، سنڌڙيءَ ڪي سُوءَ ساڳي،
مارُن جون ڳيچ ڪنهن تي، جُهمريون اچا نہ موٽيون.

پائي ڳچيءَ ڳِراٽيون، پائيندا هاسين ’پريل‘،
سي چاهہ واريون چُميون، چُسڪيون اچا نہ موٽيون.

+

❊

پرِين! توکي سنياريان ٿو،
تنهنجون ڳالهيون پچاريان ٿو.

اَندر جي پيڙ پڌري ڪَن،
اکين مان لُڙڪ هاريان ٿو.

ٻُڌي آمد اوهان جي جو،
وري واٽون نهاريان ٿو.

سجائي گهر سڄو تو لئہ،
اڱڻ سارو ٻُهاريان ٿو.

اوهان جي آس ۾ جاڳي،
صبح جو سج اُڀاريان ٿو.

پڙهيا جي پرت پاڙڻ لئہ،
اکر سي ئي اُچاريان ٿو.





سَڙي چو ڏيهہ ٿو سِڪ تي،
جي پنهنجو پاڻ ڳاريان ٿو.

وٺي نالو چرين وانگي،
’پريل‘ توکي پُڪاريان ٿو.

+

❊

اکين اکين ۾ سلام ٿي ويو،
انهي ادا سان ڪلام ٿي ويو.

عطا ٿي مئہ جي سُرڪ اهڙي،
ڪو جام تي ئي جامُ ٿي ويو.

جڏهن پٽي پُون تڏهن ڪان توسان،
ائين رهڻ جو انجام ٿي ويو.

نہ دل اَڙيءَ جو ڪو اگهہ ٿئي ٿو،

دايو تو دَرَ جو غلامُ تي ويو.

دنيا دپائڻ جي ڪئي گهٽي پر،
’پريل‘ جو نالو تہ عام تي ويو.

❊

تنهنجو خيال آهي،
جيئڻ محال آهي.

ڪڏهين تہ تُون پُڇين هان،
تان ”ڪهڙو حال آهي؟“

غربت جون عيدون ڪهڙيون،
ڏيرو عَيال آهي!

سياست ۾ سپ تيو جائز،
ڪنهن شيءِ جو ڪال آهي!؟

’پريل‘ ڪي جڳ سَهي چو؟
مسڪين پال آهي!





❊

ڏار توڪان رهي نہ سگهنداسين،
سُور ايڏو سهي نہ سگهنداسين.

سَتَ پيڙهيون ڳريون غلامي ۾،
هاڻِ ويتر وهي نہ سگهنداسين.

ڪيئن مولا نصيب بدليندو،
جي ڪُڇي ڪجهہ ڪَهي نہ سگهنداسين.

ايترو وِڙهہ وَري مِلي بہ سگهون،
ويڙهہ ڪانپو ٿَهي نہ سگهنداسين.

منهنجي مارُن تي، اکيون ڦوٽارين!
ايئن ڳڏجي رهي نہ سگهنداسين.

+

❊

لوهه ڪي لوهه ڪٽيندو آهي،
ڏاڍ ڪي ڏاڍ سَٽيندو آهي.

لٽندو آهي سوئي سيڪو،
جيڪو ٻج ڇٽيندو آهي.

سياڻن موجب سِينڊيو ڪُتو،
هٿ ۾ ئي ته پٽيندو آهي.

ڪڏهن ته هيڻو سچ جي سگهه
سان،
ڏاڍن ڪان به ڪٽيندو آهي.

پاڙيو ماڻهو نيٺ وڪامي،
پنهنجو پاڻ سٽيندو آهي.

ڪم نَسلو ڪم ظرف ٿو بڻجي،
توڙي نمڪ چٽيندو آهي.

اڪثر گيدي مڙسن آڏو،
پنهنجي مُڇ وٽيندو آهي.

ماڻي ٿو سو مڃتا جيڪو،





ٻين جا سُور جهٽيندو آهي.

ڇا به هجي پر مُئي پڄاڻان،
سيڪو لوڙهه لٽيندو آهي.

سوچ ته ڪجهه هي ’پريل‘ تو لئه،
ڪيڏو وقت ڪٽيندو آهي!

+

❊

مِٽي ۽ ماڻهوءَ جو رشتو اڻ ٽُٽُ آ،
قرب جو ڪاٽو ڪونهي، مُحبت اڻ ڪُٽُ آ.

چارِ گهڙيون گهارڻ لئہ صحبت ٿي گُهرجي،
بيشڪ ڪو ڪنهن ساڻ تہ ڪو ڪنهن سان جُٽ آ.

قبيلائي سوچ ۾ ساهہ منجهي ٿو پيو،
ڪُند ذهني ۾ قابُو قوم جو نِڙ گهُٽ آ.

خون جو رشتو جذباتي ۽ حساس 'پريل'،
ماءُ کي ناهي هوش، ٿيو اغوا پُٽ آ..

+





❊

لوڪ جاڳيو پهاڙ اُٿلي پيا،
ڪوڙ ڪَن ڦاڙ ڪياڙ اُٿلي پيا.

جهوپڙين تي ڪيو جُهڄو
مالڪ،
آيو طوفان ماڙ اُٿلي پيا.

ٻوڏ جو جئن ئي سُڪو پاڻي،
پنهنجي ڌرتيءَ ڌراڙ اُٿلي پيا.

مُرڪ جي تو نہ ڪا رکي
مرهم،
جيءَ جا ڦٽ ۽ ڦاڙ اُٿلي پيا.

سڏ تي ٿر اُتر ۽ ڪوهِستان،
سپ وچولا ۽ لاڙ اَٿلي پيا.

❊

تو ريءَ هِي جياپو،
ڇڻ زندگيءَ جو ڪاپو.

لاهي نہ ڪڏهن سگهبو،
ڌرتيءَ جو لهڻو لاپو.

سڪ آ سمونڊ وانگي،
مُحبت نہ ماڻ ماپو.

هڪڙي ڇُڪي پيئاري،
ڪيئن تا ڇئو تہ ”ڏاپو“

هڪ ’پريل‘ جي پڪڙ لئہ،
ساري شهر تي ڇاپو.





❊

وڻ پنن کي جيئن ڇاڻي ٿو ڇڏي،
عشق ٻيي ايئن ئي اُجاڙي ٿو ڇڏي!

درد جي دفتر کي کولي ڇا ڪبو،
هر اکر ڇيري ڇباڙي ٿو ڇڏي.

عشق آئي ٿو ٽئي اُسرڻُ ڪنن،
گوُنچ نسريل ئي لتاڙي ٿو ڇڏي.

نِينهن آخر نينهن آ بِگڙي جڏهن،
سڀ سُکا ساوا بہ ساڙي ٿو ڇڏي.

’پريل‘ پيڙا جي پَڇر ڪنهن سان ڪري،
کُنڊ ۾ ڳوڙها بہَ ڳاڙي ٿو ڇڏي.

❊

کاڏي ويندينءَ پري ڪري ڪاوڙ،
سمجهي ڇڏجان ”مان تنهنجو گهر آهيان.“

توري ڳالهه تي تي رنج ٿِئين،
پوءِ بہ چئين ٿي تہ بي ضرر آهيان.

بااثر با اصول ٿو سڏجان،
تنهنجي آڏو تہ بي اثر آهيان.

هر گهڙي سال ٿو سوا ٿي لڳي،
مان بنا بُوند جي ڪو بَرُ آهيان.

جن سين جاليو نڀايو تن بہ چيو،
”مان سڄي ساٿ تي ڏمر آهيان!“.

پل ’پريل‘ ڇا بہ چون يا سمجهن،
ڪاڻ ڪنهن جي تہ مان ڇپر آهيان.





❊

مون سان مِل يا آءُ ملانءِ،
يار اسان کي پنهنجو ڀانءِ.

پنهنجي محبت ميٺ نرالي،
مصري ماکي کان وڌ ڀانءِ.

هاڻ هلي آ مون کان پوءِ تہ،
هٿ پو هٽندين ويٺو هانءِ.

منهنجون وايون، گيت، غزل سڀ،
ٻول سمورا تنهنجي نانءِ.

’پريل‘ هاڻي هوش سنڀاليو،
ڏڏي نہ پوندي آهي ٿانءِ.

❊

ماربو آهي تہ ڪٽبو آ پرين
ايئن ڇُٽي ڪڏهين نہ ڇڏبو آ پرين.

ناهِ پرواهہ آءٌ جي ڪسجي ويس
اَڌ مُئي ڪي پر نہ سٽبو آ پرين.

انت ناهي عشق جي ڪنهن بحر جو
سِر اڏيءَ تي، تہ بہ نہ ڪُڇبو آ پرين.

چؤطرف ڪندا وچايل راهہ ۾
سوچي سمجهي پير ڪٽبو آ پرين.

ڪونہ آ پڇتاءُ، ڄاڻي ٿو ’پريل‘
دل لڳائي درد سهبو آ پرين.

+





❊

صنم هڪ ڏينهن سارينديـن
ٻٽي ڳوڙها بہ ڳاڙينديـن.

بنا ڪنهن سبب جي ايڏو
پيلا ڇو پيو ڏڪارينديـن.

نہ هئي ڪا ڪَل وِٽي پوندي
جڏهن دلڙي ڏُتارينديـن.

اسان جي سڪ سچي ڪي تون
پرين آخر پَچارينديـن.

جڏهن ڪو پل ڏڪيو ايندءِ
’پريل‘ ڪي پو پُڪارينديـن.

+

❊

صبح ۽ شام سار تنهنجي آ
تات تنهنجي تنوار تنهنجي آ.

ويڙهه ۾ مارجي وڃڻ سان ڀي
جيت منهنجي ۽ هار تنهنجي
آ.

گُلن جي ديس ۾ تون ڇو
جنمين
هي خطا سيئي خار تنهنجي
آ.

سِر قلم ٿيو وڃي گهڙي هڪ
۾
تير آ يا نهار تنهنجي آ.





❊

ڪا سمڪ، سُرت ساءُ ڪونهي ڪو
ميٺ محبت جو واءُ ڪونهي ڪو.

ڏات منهنجي سان ڏُٻي ٿي ڌرتي
تون چئين ٿو تہ ڏاءُ ڪونهي ڪو.

رت جي رشتن ڪي باهہ آ ورتو
ڀاءُ ڀي جڙڻ تہ ڀاءُ ڪونهي ڪو.

ڪوڙ ڪاڏا زخم زماني ڪان
تو ڏنو نئون تہ گهاءُ ڪونهي ڪو.

سَوَ سِپِيون گهورجن بہ گهٽ چئبيون
توسان ليڪو تہ ماءُ ڪونهي ڪو.

تا ٻُرائن مگر تو جِئن ٻيجل!
تند ۾ سو نہ تاءُ ڪونھي ڪو.

❊

پير ڦوڪي چندبي ڪٽڻ گُھرجي
دوستن ڪي ڳنڍي هلڻ گُھرجي.

جي چڱا چار ڳالھہ ڪن ڳڻجي
دل ڪُلي ساڻ سا مڃڻ گُھرجي.

تو سوا ساھہ هي سُڪو پيو آ
ڏور ايڏو نہ يَر رهڻ گُھرجي.

سڪٽيون ڳالھيون ڪري سمهڻ
بدران
قوم جي لاءِ ڪجھہ ڪرڻ گُھرجي.

ديس جي هوند لاءِ سر ڏيئي
پنهنجي ڌرتي جو ڀن ڀرڻ گُھرجي.





حال ڪھڙي ۾ 'پريل' جالي ٿو
سار سڄڻن ڪي تان لهڻ گُھرجي.

+